ڪن پل جو چانورو

ممتاز بخاري



ڪن پل جو چانورو

(ناوليٽ)

ممتاز بخاري

سنڌي ساهت گهر- حيدرآباد، سنڌ.

1997ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: کن پل جو چانورو
موضوع: ناولٽ
ليکڪ: ممتاز بخاري
ڇاپو پهريون: نومبر ١٩٩٧ع
ٽائيٽل ڊزائين: عبدالرسول عباسي
ڪيليگرافي: موهن لال مڪواڻا
ڪمپوزنگ: ناز ڪمپيوٽر اڪيڊمي،
آفيس نمبر 18، سيڪنڊ فلور،
شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال
ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد، سنڌ.
فون: 784350

قيمت: =/40
(چاليهه روپيا فقط)

سنڌي ساهت گهر، ڪتاب نمبر (98)

Khan Pal Jo Chanwro **(Novlet)**

By: Mumtaz Bukhari.
1st. Edition: Nov. 1997.

Published by: Naz Sanai.

Sindhi Sahat Ghar
Office No. 18, Second Floor Shelter Cantt.
Shopping Mall, Cantonment, Hyderabad Sindh.
Book No. 98
Price Per Copy: Rs. 40/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه اکر

سنڌ جي ادبي کيتر ۾ ڪيترا نوان نالا، اسان مثال طور ڳڻائي سگهون ٿا. جن ۾ ممتاز بخاريءَ جو نالو ته گهڻن ڪان گوءِ کڻي ويل آهي.

ڪهاڻي ۽ نثر ۾ هو نه رڳو لکي ٿو پر پڙهي به ٿو. سڄي دنيا جي ادب ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي پيو. هيءَ ان تي اک رکندو ٿو اچي...

سنڌي ادبي سنگت ۾ هن هڪڙي سٺي منتظم ۽ جاکوڙي جي حيثيت ۾ پنهنجو نالو ڄمايو. هُن جي پيٽ پوجا ۾ صحافت حائل ٿي وئي آهي. اُن پڄ پڄان واري صحافتي دنيا ۾ اچي ادب کي هو گهربل ٽائيم نه پيو ڏئي سگهي.

سندس هن ننڍڙي ناولٽ ”ڪن پل جو جانورو“ پڙهڻ کانپوءِ هر ڪنهن جي من ۾ ضرور خواهش جاڳندي ته هو اجا گهڻو لکي... اجا گهڻو لکي... جو ته اُن وٽ لکڻ جو سٺو ڏانءُ آهي.

هُن جي هن ناولٽ ’ڪن پل جو جانورو‘ ۾ هُن جنهن ڪهاڻيءَ کي کڻي، اُن سان نوڙ ٽائين نياءُ ڪيو آهي. اُن لاءِ کيس داد ڏئي سگهجي ٿو.

هن جي ٻولي به سولي ۽ سنهنجي آهي ۽ سندس لکڻ جو انداز اَڃا به وڻندڙ آهي.

ممتاز بخاريءَ جون ڪهاڻيون توڙي هيءُ ناولٽ پڙهي اُن مان اميد رکي سگهجي ٿي ته هو لاڳيتو لکندو رهيو ته سنڌي ادب کي گهڻو ڪجهه ڏئي سگهندو.

ناز سنائي

٢٧- نومبر ١٩٩٧ع

آفيس آفيس نمبر 18، سيڪنڊ فلور،
شيلٽر ڪينٽ شاپنگ مال ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد، سنڌ.
فون: 784350

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت جي ناءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١

شام فضا ۾ سانورو رنگ ڦهلايو. سموري شهر ۾ بلب ٻرڻ لڳا. رات ماحول کي پنهنجي ڀاڪر ۾ آندو. گهرن جي دروازن تي رات چنبڙي پئي. وڻ اونده ۾ وهنجي ويا. رڳو بلبن جي روشنين پنهنجي وس آهر اونده کي ڏور ڌوڪڻ جي ڪوشش تي ڪئي.

هن جو پاڇو روشنيءَ پوڻ سان ڪڏهن تمام ڊگهو تي ويو پئي ته ڪڏهن سندس قد کان به ننڍو. شام کان ئي اڪيلائي، تڙپ، درد ساڻ ڪري روز جيان انهن روڊن تي گهمي رهيو هو جتي اڪثر ڪري ويراني هوندي آهي. ڪڏهن ڪا موٽر سائيڪل، ڪار، رڪشا يا تانگو گذري وڃن ته نيڪ نه ته گهٽو ڪري خاموشيءَ جي ڊگهي ديوار ڪنيل. هو روڊ گهمندو رهيو، سوچيندو رهيو. زندگيءَ کان آجي ذهن سان، خوشين کان وانجهيل من سان، رستن جو رولاڪ واتهڙو تي گهمندو رهيو. ڪڏهن پنهنجو پاڻ سان تي ڳالهايائين: "زندگي بيهي چو نه تي رهي! هن تڙپ کان - هن جيئڻ کان ته بهتر...."

پنهنجي ساڄي هٿ جي ترِيءَ تي کاٻي هٿ کي ڀڪوڙي ٺونشو هنيائين. هينيون چپ ڏندن ۾ وڌائين، سندس وڏيل ڏاڙهيءَ جا ڪجهه وار ڏندن ۾ اچي ڪترجي ويا ۽ هن ٽڪ اچلي اُهي ٻاهر ڪڍيا. سوچيائين: منهنجو جيون به ته ائين ڪتجي ٻاهر اڇليو ويو آهي.

اونده ۾ ٻڌل اکين ۾ پاڻي اچي ويس. لڙڪ سندس ڏاڙهيءَ ۾ اچي قيد ٿي ويا. روڊ تي گهمندي ڪجهه وقت وهامي چڪو هئس. ڪيس اوچتو ڪجهه ياد آيو، "اوه! اڄ ماسي ايندي، پرهاڻ ته اچي چڪي هوندي."

هن جون وکون گهر ڏانهن وڌڻ لڳيون. ڪيس احساس ٿيو ته انهن کي آئي ته ڪوڙ وقت تي چڪو هوندو. پريان رڪشي جو آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌي ٻيهي رهيو. هٿ جي اشاري سان رڪشا روڪرائي ان ۾ ويٺو ۽ گهر جو ڏس ڏنائين .هوئن تہ روز پنڌ ويندو هو ۽ ڏاڍو دير سان پڻ. پر مهمانن جي اچڻ جي ڳالهہ ياد پوڻ تي هن جلديءَ ۾ گهر پهچڻ ٿي چاهيو. گهر وٽ اچي ڪرايو ڏنائين. سندس چهري تي سنجيدگيءَ جا سوين تهہ چڙهيل هئا. دروازي وٽ بيهي چاهيائين تہ چهري تي ڪجهہ نہ ڪجهہ تبديلي آڻجي. پر هو پاڻ کان لنوائي نہ سگهيو ۽ دروازو کولي اندر داخل ٿيو. ورانڊي اڳيان آڳر تي چار ڪٿون پيل هيون. پريان سيرانديءَ کان چار ڪرسيون پڻ رکيل هيون. سندس ماسي کٽ تي پنهنجي پيڻ سان ويٺي هئي. ماءُ جي مٿس نظر پئي تہ هلڪي ڪاوڙ ڪندي چيائين، "ابا امتياز، شابس اٿئي. توکي چيو هوم تہ اڄ تنهنجي ماسي ايندي. ڪيترا ڀيرا ياد ڪرايو ماڻءِ، پوءِ بہ وساري ڇڏيئي."

"امان! جنهن ماڻهوءَ کي اها خبر ناهي تہ هو پاڻ آهي يا ناهي، ان کي ٻي ڪهڙي ڳالهہ ياد ايندي؟" هن ڏکاري مرڪ چپن تي آڻيندي چيو.

سامهون ڪرسيءَ تي ويٺل ڳهرن نيڻن واري خوشبو جملو ٻڌي چرڪي پئي ۽ ڏانهنس هڪ گهري نگاهہ اڇليائين. ڏنائين تہ هن کي سرمائي رنگ جا ڪپڙا پهريل آهن. سندس ڏاڙهي وڌيل آهي. بي ترتيب اجان ٻيلو بہ ترتيب سان هوندو آهي. هوءَ هن جي اکين ۾ ڏسي نہ سگهي چو تہ انهن تي ڇپرن جي ڇانوَ آيل هئي. هو اڳتي وڌيو. جهڪي ماسيءَ کي پيرن تي هٿ رکيائين. ماسي سندس چهرو ٻنهي هٿن ۾ وجهي نرڙ چميو. مٿس نظر وجهي چيائين، "ابا! هي ڪهڙو حال بڻايو اٿئي. مورڳو مُلو ٿو لڳين."

هن چپن تي مرڪ آندي، پر ان لاءِ بہ ڪيس اندر جنگ جوٽڻي پئي. ماءُ چيو، "ابا امتياز! هي خوشبوءِ آهي."

هن خوشبوءَ ڏانهن ڏٺو. جنهن جي چهري تي سوچن جا نقش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چتجي ويا هئا. "السلام عليڪم!"

"وعليڪم السلام." خوشبوءِ وراڻيو، "نيڪ آهيو نہ."

هن رڳو ڪنڌ ڏوڻي هاڪار ڪئي. پر سوچيائين: خوشي خبر ناهي ڇاڪي ڇڏيو آهي؟

خوشبو هن جي ماسيءَ جي ڌيءَ هئي. بس ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي هئن. هو جڏهن حيدرآباد ماسيءَ وٽ ويندو هوتہ اڪثر خوشبوءَ سان ملي ڪونہ سگهندو هو، ڇو تہ هوءَ ان مهل يونيورسٽي يا سڪين ڏانهن ويل هوندي هئي. جي ملاقات ٿي بہ هئن تہ رڳو "هاءِ هاءِ" ڪئي هئائون، يا هڪ ٻئي سان تعليم، آئيندي وغيره تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئن.

هنن وٽ هوءَ خيرپور پهريون ڀيرو آئي هئي. اهو بہ تڏهن جڏهن يونيورسٽيءَ ڪان واندي ٿي هئي.

ماسي، امتياز سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو. هو رڳو جواب ئي ڏئي رهيو هو. سو بہ ٻن ٽن لفظن جي مختصر جملي ۾. وينو تہ هو: پر ماڻهن ۾ ويهندي جڻ ڪيس ڏنگ لڳي رهيا هئا. توڙي جو ماسي الاهي وقت ڪان پوءِ ملي رهي هئس پر، دل جي دردن ڪي هو روڪي نٿي سگهيو جيڪي هن جي ذهن تي واسو ڪيو وينا هئا.

خوشبو هن جي حالت ڏسي ڏانهنس گهري نظرن سان نهاري رهي هئي. ڇهري پنيان دردن جي زخمن ڪي جاچڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. گهر ۾ جڻ زندگي امتياز جي اداسيءَ ۾ ويڙهجي وئي. مهمانن جي اچڻ سان جيڪا هلچل ٿيڻ کپندي هئي سا مايوسي جي ور چڙهي وئي. امتياز محسوس ڪيو تہ هن جي ويهڻ سان سيني جي ڇهرن تي هلڪي چُپَ آڪيرو اڏيو آهي. هن چاهيو تہ ڪجهہ ڳالهائجي پر اهي لفظ ڪٿان آڻي جيڪي خوشيءَ جي گلن سان مهڪيل هجن. ائين ئي سوال ڪيائين "امان بابا ڪيڏانهن ويو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻاڙي ۾ ويو آهي. ٻاٽين جيڪو ڦڏو ڪيو هو ان لاءِ ويو آهي، اجهو آيو.“

”ماني ڪائي وينا آهيو....“ هن جملو اڻپورو ڇڏيو.

”بس، پڻهين اچي ته ڪائون ٿا.“

جهٽ لاءِ خاموشي ڇائنجي وئي. امتياز محسوس ڪيو ته اهو سڀ ڪجهه هن جي ڪري ٿيو آهي. ان ڪري هن ڳالهه جاري رکڻ چاهي. خوشبوءَ ڏانهن ڏسندي چيائين، ”توهان ٿيون ڳالهايو.“

”ڇا ڳالهايان؟“ هن ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اسٽائيل بدلائيندي پڇيو.

۽ هو رڳو ڇپَ ڀڪوڙي پنهنجي اداسيءَ ۾ پيهي ويو.

وري خاموشي ڇائنجي وئي.

”امان وقار؟“ امتياز ٻن لفظن ۾ ماءُ کان پڇيو. وقار جو نانءُ ڪٺندي درد جو هلڪو جهوٽو هن کي ڇهي ويو.

”شام آيو هو ڪرڪيٽ کيڏي. ڪجهه دير وينو ماسهن سان ڪچهري ڪيائين. وري دوستن ڏانهن ويو آهي. چيائين ته اجهو ٿو موٽي اچان.“

امتياز جملو پورو مس ڪيو ته ماسي ڪانئنس پڇيو، ”ابا! ادي ٻڌايو آهي ته تو واري زال پيڪين هلي وئي آهي؟“ جهٽ رکي چيائين، ”گهرن ۾ اهو مڙيئي ٿيندو رهندو آهي. وڃي اچينس نه.“

ان اوچتي موضوع امتياز جي چهري جا تاثر بدلائي ڇڏيا. سندس حالت ان مسافر جهڙي ٿي وئي جيڪو عمر جو وڏو حصو ٻاهر ڪمائي گهر ايندو هجي ته رستي ۾ لٽيو ويو هجي. کيس لڳو ته اکيان کير به ناهي وينو. سڀ منظر گم ٿي ويا آهن. اکين اڳيان اچا ۽ ڪارا پردا اچڻ لڳس. ڪجهه گهڙيون ائين ئي وينو رهيو. اوچتو ٽپ ڏيئي اٿيو. ڪو لفظ ڳالهائي بنا تڪڙ ۾ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين صورتحال ۾ خوشبو حيران ٿي وئي. ڪيس سمجهه ۾ نٿي آيو ته هي ڇا پيو ٿئي. خوشبوءَ جي ماءُ ڇيو، ”ڇو ادي ڇا ٿي ويس؟“

امتياز جي ماءُ جي چهري تي دردن جا پراڻن ڪنڊرن وانگي آثار ابري آيا، ”پيڻ ڪهڙيون ٿي ڳالهيون پڇين! هن جي انهن سورن ئي ته اسان کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي. امتيازجي حالت ڏسي اصل هيانءُ چيرجي ويندو آهي.“ سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، ”پيڻ توکان ڪهڙو لڪائڻو. جڏهن نه جوٽس رسي وئي هئي ته هن جي حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي هئي. ته پيرا پاڻ کي مارڻ....“ ممتا جو پيار گهائجي پيو ۽ هوءَ سڏڪي پئي، ”بس ادي.... پوءِ ڏاڍو ڏکيو وجي ڪيس هن حال تائين پهچايوسين. ڪوڙ ڏينهن سانده ڊاڪٽر هن کي نشي واريون سيون هٽندا رهيا. جيئن سوچن تان ڪجهه مٿائي سگهي.“

امتياز جي ماسي آگر وات ۾ وڌي. خوشبو ڇرڪي سڌي ٿي ويٺي. ”واقعي ماسي!“ هن حيرت وچان رڙ ڪئي.

”بس ڏيءَ.“ امتيازجي ماءُ هيانءُ منجهندو محسوس ڪيو.

”آخر ڇو؟“ خوشبو پڇيو، ”ڇا هن کي زال سان ايڏي محبت آهي؟“

”رڳو محبت، اصل ساهه ئي ان ۾ اٽس.“ امتياز جي ماءُ وراڻيو.

”ان جو ڪو ڪارڻ؟“

”ڏيءَ - وقار.“

”ڇا مطلب ماسي؟“

ماءُ ڏکهو ساهه کنيو. اکين ۾ هلڪي پاڻي جو تهه چڙهي ويس. ”ڏيءَ، ايڏو ارڏو ۽ خود غرض آهي. جو رڳو پنهنجي ئي من ماني پيو ڪندو آهي...“

هوءَ اجان ڳالهائي رهي هئي ته امتياز جو پيءُ آيو، ”معاف ڪجو، دير ٿي وئي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ ياءُ ڪا ڳالھہ ناهي.“ سندس زال جي ٻيڻ وراڻيو.
”ماني ڪاڌي ٿؤ؟“
”نہ، توهان جو انتظار هو.“ هن ٻيري سندس زال وراڻيو.
”امتيازآيو؟“
”ها آيو آهي،“ ماءُ جي مک تي درد ڊوڙي ويو.
”سڏينس تہ ماني ڪائجي.“
امتياز جي ماءُ ڪنڌ جهڪايو. ڏکاري آواز سان چيائين، ”هاڻ هو ماني نہ ڪائيندو.“
زال جي جملي ڪان پوءِ هن وڌيڪ ڪجھہ نہ چيو. ڪيس چاڻ هئي تہ امتياز تي وري درد جي وير اچي وئي هوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢

ماني کائيندي سيني جي چهرن تي اداسي ڇانيل هئي ۽ ڪنهن به ڳالهائڻ نه ٿي چاهيو. ٻاهريون دروازو کليو ڪنهن لت هڻي کوليو هو. ٻئي زال مڙس سمجهي ويا ته سندن لاڏلو وقار اچي ويو. جيڪو روز جيان دروازي کي زور سان لت هڻي داخل ٿيو هيو. هنن ان ڪڙڪي تي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو. رڳو خوشبو ۽ سندس ماءُ ڏانهن تاثر جاچڻ لاءِ ڏٺائون. جن ڪڙڪي تي هڪدم ڦري نهاريو هو. وقار سيٽي وڄائيندو ڊائننگ ٽيبل وٽ آيو. جيڪا ورانڊي ۾ رکيل هئي گهر ڪواٽر جهڙو نهيل هو. ٽي ڪمرا لڳاتار قطار ۾ ٺهيل هئا. ڏکهو ورانڊو، جنهن جي اڌ کي چارين سان بند ڪري ڊائننگ روم بڻايو ويو هو ۽ اتي ئي فرج رکيل هئي. ورانڊي جي پڪ ۾ بورچيخانو هو. ان سان گڏ ٽڙخانو ۽ ليٽرين هئي. ورانڊي اڳيان ڇڳو خاصو آڳر هو. اڱڻ جي وڏي حصي ۾ سرن جو فرش هو. ديوار کان ٻه ٻه فوٽ پري گل پوکيل هئا ۽ هڪ ٻير پڻ دروازي جي ٻاهران هئي. پر ان جون لامون گهٽي پاڱي اندر هيون. گهر جي چوڌس ڏگهي ديوار هئي. ڊائننگ ٽيبل جي پڪ واري ڪمري کي ٻه در هئا. هڪ ورانڊي ڏانهن ۽ ٻيو گهر جي پٺين پاسي کان. اِهو ڪمرو اوطاق لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويندو هو. وقار رات جو ان ڪمري ۾ سمهندو هو ۽ سندس استعمال جو گهٽو ٽٽو سامان به ان ۾ رکندو هو. وچين ڪمري ۾ سندس ماءُ پيءُ سمهن. ٽيون ڪمرو امتياز جو هو. ۽ هڪ ننڍڙو اسٽور روم جيڪو امتياز جي ڪمري پرسان هو.

وقار جيئن ئي پهتو سندس ماءُ جي چهري تي انديشن جا تاثر ابري آيا. ٿورن ئي لمحن ۾ انهن انديشن کي وقار حقيقتن جا ڪپڙا پارائي ڇڏيا. "مما، توهان ماني کائي رهيا آهيو، منهنجو انتظار به نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئُ؟"

ماءُ ڪيس پيار سان چيو، "پٽ، هاڻي هاڻي شروع ڪئي آهي. آ ويهه."

"تہ پوءِ بہ تي منت بہ انتظار نہ ڪري سگهيؤ، "وقار جي چهري جا تاثر بدلجي ويا. سندس عمر چوويهہ سال، ڪيس نيري رنگ جو ٽرائوزر ۽ پيلي رنگ جي ٽي شرٽ پاتل هئي. سندس وار سنهيا، نرڙ کي چمندڙ، ڪلين شيو، پورو پنو قد، جسم ۾ ڀريل، ڪيس چنبيءَ ۾ ڪاري زنجيري پاتل هئي.

وقار کي سندس ماسي چيو، "ابا وقار، هينئر ٿي شروع ڪئي اٿئون، آ ويهہ."

"نو ماسي." هن چڙٻ واري لهجي ۾ چيو.

وقار جي ماءُ ۽ پيءُ جي چهرن مان رنگ ڇڏائي ويو. هن هڪدم خوشبوءِ جي ماءُ ڏانهن ڏٺو، جنهن جي چهري تي ڪاوڙ يا شڪائپ جي جاءِ تي مرڪ ڏسي، ڪين ٿوري شانت محسوس ٿي. ماءُ ڪيس چيو، "ڏس مهمان آهن."

"نہ هي مهمان ناهن." وقار سخت لهجي ۾ چيو، سندس پيءُ کي ان جملي ڪاوڙ ڏياري ڇڏي. هو ڪاوڙ ۾ ڪجهہ چوڻ وارو هيو تہ وقار ڀيهر چيو، "هي منهنجي ماسي، هوءَ ماسات ۽ توهان هن کي چئو ٿا مهمان آهن." وقار جي هڪدم ان نئين انداز کي ڏسي خوشبو مرڪي ڏنو ۽ وقار جون نظرون سندس مرڪ ۾ ڦاسي پيون. خوشبو جي چپن ۾ چر پر ٿي، "ماسات ٿو چئين تہ پوءِ ويهہ ماني کاءُ."

وقار جنهن جي زندگي خود غرضي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان ڀريل هئي، ان نئين لهجي جڻ تہ هن کي هارائي وڌو ۽ هو خاموشيءَ سان ڪرسي تي وينو ۽ ماني کائڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣

صبح جڏهن پنهنجن ننڍن چپن سان فضا کي چميون ڏيئي رهي هئي ۽ سج جا ڪرڻا انهن پلن کي سنهري رنگ ۾ ڊوئي رهيا هئا. تڏهن خوشبو جا قدم امتياز جي ڪمري ڏانهن وڌڻ لڳا. هوءَ رات جي گهڻي حصي تائين امتياز جي رويي ۽ رات واري وارتا بابت سوچيندي رهي هئي. ڪيس امتياز ان پوپٽ جيان لڳو هو جنهن جا رنگ پار جي هٿ ڇهڻ سان لهي ويا هجن. سندس دل جي هڪ ڪنڊ ۾ همدرديءَ جي جذبي چرپر ڪئي. هن جا قدم، دل جي ڌڙڪن ۽ سوچون بي ترتيب ٿي ويون. هوءَ در وٽ بيهي رهي. ڪيس خيال جاڳيو ته امتياز متان اجان جاڳيو نه هجي. ڪيس ڪنن تي اندران ميوزڪ جو آواز ايندو محسوس ٿيو. اوچتو دروازو کليو. سامهون امتياز بيٺو هو جنهن جون اکيون ڳاڙهيون ۽ چهري تي اداسي ڇانيل هئي. هن اداس مرڪ چپن تي آندي ۽ خوشبو کان پڇيائين، ”توهان؟“

”ها، آئون توهان ڏانهن پي آيس.“ خوشبو ڌيرج سان وراڻيو.

”پوءِ اچو هتي ڇو بيٺيون آهيو؟“ امتياز دروازي کان هٽي ويو. ”مون سوچيو متان جاڳيا نه هجو“.

”ننڊ ڪٿي ايندي آهي جو جاڳان.“ ذڪاري لهجي سان چيائين، ”اچو، اچو اندر، توهان ويهو، جيسين مان گرڙي ڪري اچان.“

هوءَ اندر داخل ٿي ۽ امتياز ٻاهر نڪتو. بلب جو بٽڻ آن ڪيائين. هن ڪمري ۾ ڏٺو، در جي ساڄي پاسي کان پلنگ هو جنهن جي چادر گهنجيل هئي. پلنگ جي پڪ سان ننڍڙي ٽيبل رکيل هئي. جنهن تي مٿان ٽيپ ۽ ڪيسٽون رکيل هيون. ڪيسٽون ڏاڍيون بي ترتيب ڪَوِرس مان نڪتل، ڪجهه هيٺ به ڪريل هيون. ان ويل سائين مرنا جي يڪتاري واري ڌن هلي رهي هئي. ٽيبل جي پڪ ۾ ترالي بيٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. جيڪا ٽي وي ۽ وي سي آر لاءِ هئي. خالي پيل هئي. مٿان ڪجهه ڪتاب ۽ رسالا رکيل هئا. ٽي وي ۽ وي سي آر وقار جي ڪمري ۾ هئي. ٽرالي سان گڏ ڪتابن جو شيلف هو.

ڪتاب بي سونهين نموني پيل هئا. هن نظر ڦيرائي. کاٻي پاسي کان ڪرسيون رکيل هيون. دروازي جي ٻيءَ سان ڊريسنگ ٽيبل ۽ ان اڳيان اسٽول رکيل هو. ڊريسنگ ٽيبل تي رکو ڦٽي ۽ هڪ برش پيل هو. ڪمري جي وچ تي هڪ ٽيبل هئي. جنهن تي پڻ ڪتاب ۽ رسالا هئا. هن جي نظر هڪ ڀيرو ٻيهر بيڊ ڏانهن کڄي وئي. بيڊ تي ايش ٽري رکيل هو. جنهن ۾ سگريٽن جا ٽوٽا چڱي خاصي ڳاٽيتي ۾ هئا. پلنگ کان نظر هيٺ ترڪي آيس، ماچيس جون تيليون، سگريٽن جا ٽوٽا، دز، ديوارن ڏانهن نظرون اٿي ويس سامهون کان سواءِ باقي ٽنهي پاسن کان ڪجهه ٻارن ۽ مختلف منظرن جون خوبصورت تصويرون بي ڍنگي انداز ۾ لڙڪيل هيون. هوءَ سائين مرنا جي ٻڪ تاري واري ڏن ٻڌندي اداس همدرديءَ واري سوچن سان بيٺي رهي. امتياز ڪمري ۾ داخل ٿيو.
”توهان ويهو.“

هوءَ بنا ڪجهه چوڻ جي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. امتياز ڏانهن ڏسندي چيائين، ”لڳي ٿو اوهين شايد هن شعر جي حقيقي منظر نگاري ڪريو پيا. آهي نه شعر،“ ڪجهه سوچيندي.
”ها،

منهنجي جيون جيان آهن اجڪلهه
منهنجي ڪمري جون هڙ شيون وکريل.“

امتياز جهٽڪي سان ڏانهنس ڏٺو. خوشبوءَ جي ڇپن تي ٻيهر چر پر آئي. ”سوري، جيڪڏهن اوهين مائينڊ ڪيو ته.“
هو خاموش رهيو. ڪرسيءَ تي پاڻ کي اجلايائين، چپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪوڙي، ذهن کي جهٽڪو ڏيئي درد جي ڪڪرن کي پوئتي هٽايائين. ڏڪاري مرڪ چپن تي آڻي چيائين. ”ڇا جي سوري ڪا ڳالهه ناهي.“

ڪجهه گهڙيون ٻيئي چپ رهيا. امتياز سانت جي ڪنڌن کي ڪڍڻ بهتر سمجهيو. خوشبوءَ کي چيائين، ”رات واري رويي تي مان ڏاڍو شرمندو آهيان. مون کي ائين نه ڪرڻ کپندو هو. پر ....“ ٻيهر آواز ۾ اداسي اچي ويس. ”مان پاڻ مان نڪري ويو هوس. مون کان ان ويل سُڌ رُسي وئي هئي.“

خوشبوءَ ڪلها مٿي ڪٽندي چيو، ”نه اهڙي ڳالهه ناهي. آئون توهان جي درد کي سمجهان ٿي. احساس آهيم ته توهين ڪهڙي پيڙائن مان گذري رهيا آهيو. ڪا ڳڻتي نه ڪيو.“

امتياز ذهن هلڪو محسوس ڪيو. سوچيو هئائين ته سندس رات جو ائين اٿي وڃڻ ڪري ماسي ۽ ماسات کي رنج رسيو هوندو پر خوشبوءَ جي لهجي مان ٿي سمجهي ويو ته هوءَ سندس هر ڳالهه سمجهي ٿي. امتياز چاهيو ته رات واري رويي ڪري متان به هن جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪا ڳالهه رهجي وئي هجي، ان ڪري هن ساڻس هلڪي ڳالهه ٻولهه بهتر سمجهي، ”توهان کي ادب سان چاهه آهي ڇا؟“ امتياز ڪانئس پڇيو.

”پر آئون به هينئر اهوئي سوچيو ٿي ته توهان کان اهوئي سوال ڪيان. ڇاڪاڻ ته هي ڪتاب....“ خوشبو ڪتابن ڏانهن اشارو ڪيو. سندس وات گول ٿي ويو.

امتياز جو سينو اندر ڇڪجي ويو ۽ وات مان هوا نڪرڻ سان ٻيهر ساڳي هنڌ آيو. ”ها، هي ڪتاب ئي ته آهن منهنجو سهارو، منهنجا ساٿي ۽ هي ڪيسٽون منهنجا ئي درد مون سان ونڊيندڙيون آهن.“ هن ڪيسٽن ڏانهن ڏسندي چيو.

”لکندا به آهيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ رڳو پڙهڻ سان چاهہ آهي. پر هاڻي تہ هر لفظ گولي بڻجي پيو آهي ۽ مان سيني تي، ذهن تي اهي گوليون کائي نرجو ٿيندو پيو وڃان.“ هو اوچتو چپ ٿي ويو. ”سوال تہ مون بہ ڪيو هو؟“

”ها، آئون بہ پڙهندي آهيان. اڪيلائي ونڊڻ لاءِ ڏاڍا بهترين ساٿي آهن.“ خوشبو وراڻيو.

امتياز هن جي لهجي ۾ لڪل درد کي محسوس ڪري ورتو. هن بهتر نہ سمجهيو تہ ڪانئس ذاتي سوال ڪري. خوشبو روشندان ڪان بہ اڍائي فوٽ هيٺ ديوار تي لڳل وال ڪلاڪ ۾ نهاريو. ”هاڻي سوا ست ٿين پيا. توهين بينڪ وڃڻ جي تياري ڪندؤ؟“

”ها. سڪر وڃڻ تائين ڪلاڪ جيترو وقت تہ لڳي ويندو آهي.“ امتياز وراڻيو.

”رات ماسي ٻڌايو تہ توهين بينڪ ۾ نوڪري ڪندا آهيو. پر مون کي جيتري خبر آهي تہ اوهان ايم ايس سي ڪيمسٽري ۾ ڪئي هئي ۽ نوڪري بينڪ ۾!!!“. خوشبو پڇيو.

”واپس اچي ٻڌائيندس.“

خوشبو ٻاهر نڪري آئي ۽ امتياز ڊيوٽي تي وڃڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴

خوشبو کي اڻ تڻ تيڻ لڳي. سند ذهن ۾ انيڪ سوال ڪر ڪٽڻ لڳا. جيستائين هن کي خبر هئي ته امتياز ”لو ميرج“ ڪئي هئي ۽ هتي نئين صورتحال، بلڪل نئين مند، ڄڻ هوءَ بهار ۾ سرءُ جو سمان ڏسي رهي هجي. ٻئو هئائين ته امتياز جي زال ڏاڍي ساڃاهه واري ۽ سوبر آهي. هن سيڪجهه جاچڻ پي چاهيو. پر ڪيس عجيب ٿي لڳو ته آخر هوءَ انهن معاملن ۾ ڇو گهڙي؟ هوءَ هن جي سڄي ماسات هوندي به هيل تائين گهر ۾ اوپرائپ محسوس ڪري رهي هئي. سوچيائين شايد، ”ان ڪري جو گهٽو ميل جول ناهي رهيو.“

هو سوچن جي ڏرتيءَ تي گهمندي رهي. امتياز جو اداس چهرو، وقار جي ارڏائپ، ماءُ جو گهايل من، پيءُ جي چپن تي چُپ جا تالا، سڀ ڪجهه هن کي پريشان ڪري رهيا هئا. هوءَ سوچڻ لڳي. هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪيس آئي اجان ڏيڍ ڏينهن به مس ٿيو هو ۽ انهيءَ وقت ۾ هن کي پلئه پيو ته رڳو مونجهارو.

هوءَ سوچڻ لڳي: ڇا هاڻ واپس ورڻ کپي؟ هتي رهي ڇا ٿو ڪري سگهجي.

هوءَ ورانڊي ۾ ڪرسيءَ تي اکيون پوريو، سوچن ۾ گم هئي. سندس ماءُ پنهنجي ڀيڻ سان گڏ ٻاڙي ۾ ويل هئي. هن کي چيائون پر هوءَ نه وئي. اڪيلي ويٺي هئي. اوچتو ڇرڪ نڪري ويس. ”هاءِ ماسات، ڪٿي گم آهين؟“ وقار جي ڏاڍيان آواز ۾ ڇيل جملي تي هوءَ جهٽ لاءِ ڪاوڙ ۾ ويڙهجي وئي. تاثر رڳو چهري تي تري آيس. هلڪي تکي لهجي ۾ چيائين، ”هتي ئي ته ويٺي آهيان.“

ڪيس اڪيلائي ۾ رنڊڪ سٺي نه لڳي هئي. پر هوءَ پاڻ سنڀاري وئي ۽ چهري کي نارمل ڪندي دير ئي نه لڳس، ”او، وقار، ڪٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئين؟"

فلمي اسٽائيل ڪندي وقار وراڻيو، "بس ماسات، گهٽيون رليون سين، سنگت سان چانهه جون چسڪيون ورتيون ۽ ...."

خوشبو ڪلڻ لڳي ۽ وقار سندس ٿڪن سان وهنتل چهري ۾ نهارڻ لڳو. ان ويل خوشبوءَ جي ڳچيءَ جون رڳون سيتجي ويون هيون، اکيون پورجي ويون هئس ۽ چپن جي پوئٽان سندس ننڍڙا ڏند پوريءَ طرح ظاهر هئا. هن ڪلي بس ڪيو ته سندس اکين ۾ آلاڻ هئي. ٻانهن سان اکين ۾ آيل پاڻي اگهيائين. وقار کي چوڻ لڳي، "واهه واهه، تون ته چوٽيءَ جو اداڪار ٿي سگهين ٿو."

وقار پنهنجي تعريف ٻڌي پاڻ ۾ ئي نٽي ماپيو.

اوچتو خوشبو وقار ڪان سوال ڪيو، "وقار، مون محسوس ڪيو آهي ته تون گهر وارن کي تنگ ڪندو آهين؟ ۽...."

وقار جي چهري تي هڪدم تبديلي اچي وئي. ٻن پَلن جي وچ ۾ هڪ سؤ يارهن جو انگ اچي ويو. هن تکي لهجي ۾ چيو، "نه، اهو غلط آهي."

ته پوءِ حقيقت ڇا هي؟" خوشبو ڏيرج سان پڇيو.

"حقيقت اها آهي ته گهر وارا مون مان تنگ ناهن. پر مان هنن مان تنگ آهيان."

"ڇا مطلب؟" خوشبو جي وجود ۾ حيرت پرجي وئي. اهڙو ماٺهو جنهن جي هر اشاري ۽ هر لفظ کي گهر وارا حڪم جو درجو ڏيندا هجن. جنهن جي خواهش ڪاڻ، سيني جا ڪنڌ جهڪي وڃن، جنهن جي ارڏاين کي ٻار جي حرڪت سمجهي قبول ڪيو پيو وڃي. انهيءَ ٻاران اهي لفظ ٻڌي هوءَ سوچن جي ترازيءَ ۾ خالي پڙ وانگي ٽنگجي وئي. وقار کي چيائين، "تون تنگ آهين؟ آخر ڇو؟"

"ان ڪري تنگ آهيان جو هاڻ مان ڪوڙ اڳتي نڪري ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. هو مونکي اهڙي رستي تي وٺي آيا آهن. جتان هاڻ واپس ٿيندي به مان ساڳي جاءِ تي موٽي اچان ٿو. مان چاهيندي به پاڻ سنڀاري نٿو سگهندا. مان پنهنجي وس ۾ ناهيان. سڀ ڪجهه سوچڻ تي ڇڏيو اٿم. جيڪو من ۾ ايندو آهي ۽ ايندو، اهو ڪندس."

"ڇا توکي ڪنهن جي به پرواهه ناهي؟"

"مان سوچڻ نه ٿو چاهيان، جيڪو ڪجهه ٿيو آهي جيڪو ٿي پيو ۽ جيڪو ٿيندو. مان ان جو ذميوار پاڻ کي نه سمجهيو آهي نه سمجهان ٿو ۽ نه ئي سمجهندس، ۽ توهان پڇو. پليز، مونکا اهڙي قسم جي ڪُسچننگ نه ڪيو."

خوشبوءَ لاءِ اهو نئون انڪشاف هو. هن کي وقار جي ارڏائپ پنيان هڪ بهترين انسان لڪل نظر آيو. هن وقار ڏانهن ڏٺو جنهن جي چهري تي بيزاريءَ جا رنگ اچي ويا هئا. خوشبو سندس اکين ۾ نهار وجهندي چيو، "ڏس وقار، آئون توکان عمر ۾ ڇهه ست مهينا وڏي آهيان. ان ڪري منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌ."

وقار ٿهڪ ڏيڻ لڳو، "وڏي....ها ها ها.... هي ننڍ وڏائي ڇاهي ماسات؟ ائين هجي ها ته مان بابا، امان ۽ ادا جي پيرن ۾ گلن جيان ليٽڙيون نه پايان ها."

"ڇگو، پلا ماسات ٿو چئين ته پوءِ. گهٽ ۾ گهٽ مونسان ته رويو چڱو رک."

وقار، جنهن رات به اهڙي ئي انداز جو جملو ٻڌو هو ۽ ڪاوڙ هن جي ذهن مان ئي نڪري وئي هئي ۽ هو ساڻن ماني کائڻ وينو هو. پوءِ رات جو هو ان لهجي ۾ گم رهيو هيو. ڪيس حيرت ٿي رهي هئي ته اڄ تائين پنهنجي مرضيءَ کان سواءِ ماءُ جي ٻاجهه ڏانهن به ڌيان نه ڏريو هو. پر ان جملي ۾ ڇاهو؟ ڪهڙو تاثير هو؟ ۽ هاڻي به خوشبو جي ان انداز هن جي ذهن تان جهٽ لاءِ ڪاوڙ ۽ ارڏائپ جي دز ٿڌاڻ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهي ڇڏي. هو ڪڏهن خوشبو ڏانهن ڏسڻ تي لڳو ته ڪڏهن ڌرتيءَ ۾ نهاريائين ٿي. خوشبو جي چپن تي لڪير آئي. پڇيائين، ”وقار، ڇا ٿيو، چپ ٿي ويو آهين؟“

”هان، ڪجهه...ڪجهه نه“

چوڪرين ڏانهن ڏسندي هن جي دل ڌڙڪندي ضرور هئي. پر هو رڳو فلرٽ ڪندو رهندو هو. ڪابه چوڪري هن جي من ۾ جاءِ والاري ڪونه سگهي هئي. هن تي اڪثر هڪ جنون سوار ٿي ويندو هو ۽ نهيل نڪيل ڪم ختم. هو پنهنجي ارڏاين، ڪاوڙ، ٺهڪن ۾ الڳ ٿلڳ ڍنگ جوڙڻ جي چڪر ۾ ڪيئي ڀيرا ٽاپڙيو، ڪريو، اٿيو، سنبريو، پر هن جي هلت چلت ۾ ڪو فرق نه آيو. هو ايئن ڪندي خوش ٿيندو هو. وقار، امتياز کان چار سال ننڍو هو. ٻنهيءَ جي طبيعتن ۾ ڌرتي ۽ آڪاش جيڏو فرق هو. امتياز جي طبيعت چنڊ جي ڏيمي روشنيءَ جيان هئي ۽ وقار جو رويو جُونَ جي تتهڻ اس جيان هو. گهر وارن کي ايڏو پيارو جو متس ساهه ڏيندا هئا ۽ هو وري گهر وارن جي ساهه سُڪائڻ جي ڪڍ هو. جيڪڏهن ٿورو به دڙڪو مليس ته ڪيئي ڪيئي ڏينهن گهر مان گم، پوءِ ڪڏهن پيءُ پرچائي اچيس ته ڪڏهن ماءُ. ڪڏهن جي ضد ۾ پوندو ته ماني کائڻ ڇڏي ڏيندو. ۽ خود غرضي ايڏي (جنهن کي هو خود داريءَ جو نالو ڏيندو هو.) جو ماني نه هوٽل تي کائي، نه ڪنهن دوست وٽ. به به ڏينهن بک تي ڪمري ۾ پيو هوندو. ڪنهن کي اچڻ جي همت ئي نه. جڏهن پاڻ ئي ٿڪجي پوندو تڏهن ماني کائيندو. هو ننڍپڻ کان ئي فطري طور ضد جي ڇانو ۾ پليو. پيو وري گهر ۾ ننڍو ٻار حد کان وڌيڪ پيار مليس، لاڏ سنا ويس، هن جون غلطيون نظر انداز ٿينديون رهيون. گهر جا ٿانوَ ڀڃڻ، قيمتي سامان ڀڃڻ، ڪتاب ڦاڙڻ هن لاءِ معمولي ڳالهه هئي. موت ۾ وري به هن کي پيار، لاڇون، شين ۽ رانديڪن جا ڍير. سڀڪجهه ڇاٽيندي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ماءُ پيءُ هن کي خوش رکڻ لاءِ سندس هر ڳالهہ مڃڻ لاءِ پابند هئا. پر هو پنهنجي انهن روين جو ڏوهي بہ پنهنجي گهر وارن کي سمجهندو هو. سندس سوچ پنهنجي ئي وجود تائين هئي.

هو لاچار ڪڏهن ڪڏهن چڱي موڊ ۾ ايندو هو ۽ ڪڏهن تہ هو پنهنجي ارڏاين تي سڄي سڄي رات سوچيندو هو. ڪيس غلطين جو احساس پڻ ٿيندو هو ڪجهہ فيصلا ڪري سمهندو هو. پر صبح جو اُهو ساڳيو ضدي وقار. دوستن سان ڪڏهن ايڏو پيار جو پيو ساهہ ڏيندو هو ۽ ڪڏهن وري انهن جا ئي مغز قاڙي ايندو هو. اڃان تازو ئي جهيڙو ڪيو هئائين. جڏهن خوشبو وارا آيا هئا. پنهنجي دوست کي رڳو ان ڪري مار ڏنائين جو ڪرڪيٽ کيڏندي هو ان جي بال تي بولڊ آئوٽ ٿيو تہ چوڪرن خوشي ڪئي ۽ هن بيٽ اڇلي، اسٽمپ پٽي، ٻن ٽن چٽن کي وهائي ڪڍيا پنهنجي دوست کي اهڙي ڦيهہ ڪڍيائين جو ويچارو بيهوش ٿي ويو. ان جي گهر وارن ٿاڻي تي وڃڻ چاهيو پر وقار جو پيءُ پهچي ويو ۽ ان معافيون ورتيون. ڏند ڏوهہ ڏيڻ لاءِ چيائين، ڏاڍي ڏکيائي سان وڃي انهن جو جوش ڍرو ٿيو. هن بي اي جو امتحان ڪاليج مان ڏنو هو ۽ لکي بہ مڙيئي ايندو هو. پر پٽس ٻڇ ڊڪ ڪري، ڪجهہ ڏوڪڙ ڏيئي ڪجهہ سفارش ڪرائي پاس ڪرائي ڇڏيندو هو. انٽر ۾ ”سي“ گريڊ آيس تہ اڃي بگڙيو. هفتو گهر ڇڏي ويو. پوءِ وڃي ٽڏو ٿيو سڀ قصور پنهنجي پيءُ جو سمجهايائين. ڪيس رڳي مان بہ ٿي پيسا احساس بہ ٿيندو هو. پر هو هاڻ زندگيءَ جي ان رستي تي هلندي، نئون رستو اختيار ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. ڪيس سڌ هئي پر هو اڻ ڄاڻ رهيو. من مانيون ڪندو رهيو. مرضيون مڙهيندو رهيو. پيءُ جون، ماءُ جون سڀ محبتون هن جي خود غرضيءَ جي ڄڻين ۾ لتاڙبيون رهيون. هو ڪيس ڇڏي پي نٿي سگهيا. ڪين پيارو ساهہ ڪان بہ وڌيڪ هو. هنن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪندي وقار جڻ هڪ قسم جي لذت محسوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو هو ۽ پوءِ وري پاڻ پڇتاون جي چادر پائي سمهندو هو ته سوچون هن کي سنو انسان بڻائڻ لاءِ گهلي ويندڀون هيون. پر ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هن کان سڀ پڇتاوا ڏور هليا ويندا هئا. هو ڄڻ عادي بڻجي چڪو هو. هن خوشبوءَ جي لهجي ۾ بلڪل نواڻ محسوس ڪئي ته دل جي دنيا ۾ ڪٿي ڏور ڪو گهنڊ وڄندي محسوس ٿيس. ڇو ٿيس؟ تنهن کي هو پروڙي نٿي سگهيو. هاڻ به جڏهن خوشبوءَ بهار جي مند جهڙي لهجي سان ڪيس، ماسات جو احساس ڏياريو ته من جي پهاڙن ۾ ڪٿي چشمو ڦٽندو محسوس ٿيس. ڪيس اِهو لهجو، اِهو انداز سنو لڳو، ڄڻ ته هو پنهنجائپ جي اهڙن جملن لاءِ ترسندو رهيو هجي. جنهن ۾ ٿوري ڪاوڙ، ٿوري چاهت هجي. هن ٻڌا هئا ته رڳو پيار ۾ ٻڌل جملا ۽ ڪڏهن بيزاريءَ واري پيار جا لهجا. پر اڄ ۽ ڪلهه هن نئون انداز ٻڌو، بلڪل نواڻ.

”ڇا ٿو سوچين؟“ خوشبو پڇيس.

”ڪجهه به نه.... ڪجهه به نه....“

هو اٿي ٻيهڻ ۽ وڃڻ جي چڪتاڻ ۾ هو ته سندس ماءُ ۽ ماسي پاڙي مان موٽي آيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

خوشبو سنڌ يونيورسٽيءَ مان تازو اڪنامڪس ۾ ايم اي ڪري واندي ٿي هئي. يونيورسٽيءَ جو ماحول ڇڏي جڏهن هوءَ گهر آئي ته ڀانيائين ڄڻ ڪلندي ڪلندي اوچتو چُپ ٿي وئي آهي. گهر جيڪو اڳ ۾ بهار جي ڪا شام لڳندو هيس. هاڻ جون جي منجهند ٿي لڳس. سوچيائين، ڇا ڪجي؟ جڏهن ماءُ خيرپور هلڻ جي آفر ڪيس ته هوءَ هڪدم تيار ٿي وئي.

هوءَ سوچي آئي ته اتي ويندس، نئون ماحلو ملندو. ماساتن سان ملنديس، جن ڪي هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ئي ملي سگهي هئي. رڳو گهر ۾ سندن ماءُ جي واتان ذڪر ٻڌندي رهندي هئي. وياڪل من ڪي وندرائڻ لاءِ خوشبو جڏهن خيرپور پهتي ته سندس پروگرام هو ته پندرهن ويهه ڏينهن رهندي، ڪوٽ ڏيجي جو قلعو گهمندي، سچل جي دربار ڏسندي، سکر سنڌوءَ جي ڪپ تي ڪي سنجهائون گهاريندي، سَتين جي آستان کي ڏسندي، معصوم شاهه جي مناري تي بيهي سکر شهر جي منظرن کي اکين ۾ اوتيندي. ساڌ ٻيلي جي سونهن ۾ ڪي پل گذاريندي. پر جڏهن هتي پهتي ته ڪيس اداس مندر جيهو گهر پلئه پيو. ماحول سرءُ جي ڪنهن شام جيان هو. سيئي چهرا وڻ ۾ پيلن پتن جيان بينا هئا، جيڪي هوا جي تيز جهوٽي سان پٽ تي ڪرڻ وارا هئا. وقار گهر وارن کي انين ترميم جيان منجهائي ڇڏيو هو. سيئي گهر وارا هن جي مرضي ۽ طبيعت جي پويان پويان هئا.

هوءَ سوچن ۾ ٻڌل رهي، فيصلو نه پئي ڪري سگهي ته هن کي ترت واپس ورڻ کپي يا رهڻ کپي. بوسٽ واري انهيءَ صورتحال ۾ هن لاءِ ان کان سواءِ ڪو به چارو نه هو ته ماءُ کي واپس هلڻ لاءِ چئي. پر ڪڏهن ڪڏهن خيال جاڳڻ لڳس ته سندس ٻئي ماسات اهڙي سهاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا گهرجائو آهن جيڪو ڪين مايوسيءَ جي ڏيڻ مان بچائي سگهي. هوءَ ڪين ڏيڻ ۾ هينائين تائين پهچائڻ ڪان اڳ ڪڍڻ لاءِ سوچڻ لڳي پر ڪيئن؟ اِهو سوال ڪيس منجهائي رهيو هو.

امتياز بينڪ ڪان واپس وريو. خوشبوءَ ڪي ساٽس ملڻ جو الڪو ورائي ويو. هن سوچيو: ڏسان تہ سهي آخر هو بہ منهنجي آڻتن ڪي قبول ڪن ٿا يا نہ؟

وقار بابت تہ هن ڪي پڪ هئي تہ هو جيترو ارڏو ۽ گنجريل آهي. ان ڪي ميڙي سگهجي ٿو. پر امتياز هن لاءِ اجان سوڏو ڳجهارت هيو. هوءَ فيصلو نہ ڀئي ڪري سگهي تہ آيا هو سندس همدرديءَ جو گهرجائو آهي؟ يا نہ؟ پر ڪيس اِها ڄاڻ ضرور هئي تہ ٻئي ماسات هن جي ڪا ڳالهہ نہ ٽاريندا. وقار جي ڀيٽ ۾ امتياز لاءِ هن جي من ۾ همدرديءَ جا انيڪ جذبا ايري آيا. هو ڪيس ابهم ۽ معصوم لڳي رهيو هو.

هوءَ امتياز جي ڪمري ڏانهن وڪون ڪڻڻ لڳي. دروازو کليل هو. اندر ڪيسٽ پليئر هلي رهيو هو. جهٽ لاءِ دروازي وٽ بيٺي. امتياز ڪرسي تي ٽيڪ ڏيو اکيون بند ڪيو ويٺو هو.

جنهن سان دلڙي لڳي
تنهن کان ڏار ٿيڻ.
اِهو جاڙ جيئڻ
تنهن کان زهر پيئڻ
اِهو ناهي مرڻ
پيو ڇاهي ڙي.
جنهن سان دلڙي لڳي
تنهن کان ڏار ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيسٽ هلندو رهيو هوءَ اندر داخل ٿي. هلڪو ڪڙڪو ڪيائين. امتياز اکيون کوليون ڏانهنس ڏٺائين، اٿي ويٺو. ڳالهائڻ چاهيائين. پر لفظ وجود جي خاموشيءَ کان آجا ٿي نہ سگهيا. خوشبو هن ڏانهن نهاريو. جهٽ لاءِ اکيون ٽڪرايون. خوشبوءَ کي ڇڻ ڏڪو لڳو، هن نهار بدلائي ۽ ڪيسٽ پليئر ڏانهن ڏٺائين. ذهن ٻيهر آواز ڏانهن ڪڇي ويس.

جنهن کي نينهن نيو،
تنهن کان سڀ ويو،
جيڏيون شال جيو،
مون کي ڏس تہ ڏيو،
منهنجو پيچ پيو،
سمهڻ سور ٿيو،
اِهو ناهي سکڻ ٻيو چاهي ڙي.
جنهن سان دلڙي لڳي،
تنهن کان.....

امتياز اڳتي وڌي ٽيپ جي اسٽاپ کي ڏسٽي آگر سان هيٺ دٻايو. ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. امتياز خاموشيءَ کي خاموش ڪرايو. ”اچو. ويهو.“ ڪرسي ڏانهن اشارو ڪيائين.

هوءَ ڪرسيءَ تي ويهڻ بجاءِ بيڊ تي ويٺي، ڪيسٽ جو ڪَوَر هٿ ۾ کنيائين. امتياز سامهون ڪرسيءَ تي ويٺو.

خوشبو لهجي ۾ مٺاڻ آڻيندي چيو، ”هوريان هوريان ڏن واري موسيقي ايڏي ڇو وڻندي اٿوَ.“

”ڪاني هوريان هوريان دکندي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت تہ هلندي نہ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشبوءَ نہ تي چاهيو تہ هڪدم ماحول ڏڪارو ٿي وڃي. ان ڪري هن نئون موضوع ڇيڙيو. ”ماسات، مونکي ڪوٽ ڏيجي جو قلعو ڏيکاريندا؟“ سندس لهجي ۾ ايڏي پنهنجائپ هئي جو امتياز کي ڏاڍو سٺو لڳو.

”ڇو نہ.“

”ڪڏهن؟“

جهٽ لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو. ”اڄ اربع آهي. سياڻي خميس، پئي ڏينهن جمعو آهي. نيڪ آهي جمعي تي هلنداسين.“

”پر ايستائين اسان هليا وڃون تہ...“

”نہ نہ ائين وري ڪيئن؟ توهان کي ڪير ٿو ڇڏي.“ امتياز لفظن تي زور ڏيندي چيو.

خوشبوءَ کي اندر ۾ هلڪائپ محسوس ٿيڻ لڳي. ”توهان چيو هو تہ بينڪ ۾ نوڪري بابت ٻڌائيندس. هاڻ ٻڌايو تہ ڪيمسٽريءَ ۾ ايم اي سي ۽ نوڪري وري حساب ڪتاب واري.“

”ڪڏهن چيو هوم؟“ امتياز حيران ٿي پڇيو.

”اڄان ڪالهہ صبح ئي تہ چيو هيو. وساري ڇڏيئو ڇا؟“ خوشبو چيو.

امتياز وارن ۾ هٿ هڻندي اداس لهجي سان چيو، ”کهڙيون ٿيون ڳالهيون ڪيو. مون کي تہ ڪجهہ ياد ئي ناهي رهندو. ڪڏهن ڪٿي زندگيءَ بہ وساري ايندس؛ خبر ئي ڪونہ پوندي.“

خوشبوءَ جي ذهن ۽ وجود کي ڄڻ ڌڪو لڳو. پڇيائين، ”ڇو ڀلا ايڏو ويسر جو مرض اٿوَ ڇا؟“

”سواءِ هڪ ياد جي داغ کان، ٻيو ڪجهہ بہ ياد ناهي رهندو.“ جهٽ لاءِ خاموشي ٿي وئي. امتياز درد وچان چيو، ”خوشبو، ڪوڙ ڏينهن، بلڪ ڪجهہ سال اڳ تي وي تي هڪ اردو ۾ لانگ پلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺو هوم. ان جي ڪهاڻي ياپيو ڪجهه به ياد ناهي. پر ان ڊرامي جو هڪ ڊائلاگ اڄ تائين ناهيان وساري سگهيو."

"ڪهڙو؟"

"*دنيا مين آج تک ايسا نشتر پيدا نهين هوا جو يادون کے داغ کو کهرچ کر نکال سکے*- ۽ خوشبوءِ..." امتياز اچان ڳالهائڻ ٿي چاهيو ته پاهران وقار جو زور سان سڏ ڪن تي پيس، "ماسات، ماسات، او ماسات!"

خوشبوءِ امتياز کي چيو، "آئون هلان ٿي توهين ريسٽ ڪيو."

"ٺيڪ آ، "امتياز ڏکهو ساهه کنيو هن کي ريسٽ لفظ عجيب لڳو.

خوشبوءِ ٻاهر آئي. وقار سامهون وي سي آر جا ٻه ڪيسٽ هٿ ۾ جهليو بيٺو هو. "ماسات، هي ٻه بلڪل نيون فلمون آيون آهن. ڪٿي آيو آهيان اچو ته ڏسون."

خوشبوءِ چيو، "اهي فلمون ته ڏسندي ئي ناهيان. ساڳيون ڪهاڻيون، سڀ ڪجهه ڦيري گهيري ساڳيو ئي ته هوندو آهي. آئون ته آرٽ فلمون ڏسندي آهيان. اهي ٻه ڪڏهن ڪڏهن."

وقار چيو، "ٺيڪ آهي، اڄهو تو ڪٿي اچان."

وقار هوندن ته آرٽ فلمن کان ونئون ويندو هو. ڪيس ڏاڍي چڙ ايندي هئي. پر خوشبوءِ جي ڪاڻ هو آرٽ فلم به ڏسڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن واپس اچڻ ۾ دير نه ڪئي.

"اڄي ماسات هي فلم."

"پر هاڻي ته ڇهه ٿين پيا. شام جو گهر وارن سان ڪچهري ڪجي. ويهجي. ڳالهيون ڪجن ۽ پيو ته هي فلم آئون اڳ ۾ ئي ڏٺي آهي." سندس لهجو نرم هو.

وقار کي ذهن ۾ وري ڦيري اچڻ لڳي. هن آخري پيري چوڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري لهجي ۾ چيو، ”ماسات، مان تنهنجي ڪري آرٽ فلم جهڙي بوريت برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ توهان....“

خوشبوءَ هن جي ڪامپليڪس کي سمجهي وئي، ”چڱو ڀلا اچ، ڪلاڪ هاڻي ته ڏسئون؟ باقي رات جو، ٺيڪ آ“

وقار ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦

امتياز محسوس ڪري رهيو هو ته هن جي ڪري سندس ماسي ۽ ماسات کي ڌڪ ٿي رهيو هو. هن نه ٿي چاهيو ته ايئن ٿئي، پر هو پنهنجي ايذائن کي لڪائي نه سگهيو. هن فيصلو ڪيو ته جيستائين ماسي وارا رهيل آهن، اوسيتائين ڀرپور نموني ڪوشش ڪندو ته انهن کي هتان وڃڻ مهل پريشانيون ۽ سوچون ساڻ نه هجن. ڪمري ۾ ويهي هو سوچڻ لڳو: منهنجي زندگي به هن ڪمري جيان آهي. ان کي هتان آزاد ٿيڻ ڪپي آفاقي منظرن ۾ سموئجڻ ڪپي. چو ته اُهائي ته اصل زندگي آهي. باقي مان ته هرويرو هتي ڀيو پاڻ عذاب ڀوڳيان ۽ منهنجي ڪري هي خوشبو.... خوشبو جو نانءُ ذهن ۾ ايندي هن جون سوچون اٽڪي پيون. پر پوءِ وري هو پنهنجي انهن دردن ڏانهن سوچن کي وڌائي ويو. جيڪي هن جي حياتيءَ جي سونهن کسي ويا هئا. ڪيس پنهنجي محبوبا، پنهنجي زال، همسفر جا ويچار وڪوڙي ويا. محبوبا کان سواءِ جيئڻ هن لاءِ ممڪن نه هو. پر هو جي رهيو هو. ۽ اهو احساس ايندي ئي هن جي اکين ۾ لڙڪ اچڻ لڳا. هن پاڻ کي هڪ ڀيرو نه پر ڪيئي ڀيرا مارڻ چاهيو. پر هر ڀيري موت ڪيس زندگي ورائي ٿي ڏني. پر هن جو روح هن وٽ نه هيو. هاڻ ته اهو به آسرو هوريان هوريان ختم ٿي رهيو هو ته ڪو سندس زال واپس ملنديس. پندرهن ڏينهن اڳ ڪيس سهري فون ڪري چيو هيو ته، ”مهرباني ڪري طلاق موڪل نه ته هرويرو ڪورٽ ۾ ڇڪتاڻ ٿيندي. پنهيءَ جي عزت پاٽيءَ ۾ ملي ويندي.“

تڏهن امتياز کان رڙ نڪري وئي هئي، ٻاڏائيندي چيو هئائين، ”چاچا، خدا جي واسطي! ائين نه ڪيو. توهان سائره کان پڇو يا پلين ساٿس ٻه لفظ ڳالهائڻ ڏيو. ڏسو، پليز چاچا هوءَ برداشت نه ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندي. مان مرد ٿي اها اذيت سهي نٿو سگهان. هوءَ تہ عورت آهي. هوءَ ڏاڍي نازڪ آهي."

سندس سهري چڙب ڏيندي چيو هيو، "خبر آهي مونکي، هوءَ توسان ۽ تنهنجي گهر وارن کان نفرت ڪري ٿي. جيڪڏهن توکي پنهنجا والدين ايڏا عزيز آهن تہ هوءَ بہ پنهنجي پيءُ جي عزت رکڻ چاهي ٿي، تون چاهيو سمجهين تہ هاڻ اهڙي صورتحال پيدا ٿيندي. سمجهہ تہ هاڻ ناممڪن آهي. ياد ڪونہ اٿئي. ان ڏينهن ڪيئن توسان ملڻ ئي پسند نہ ڪيائين."

"چاچا، پليز."

"بلڪل ڪجهہ نہ. سمجهہ تہ هي وربل نوٽيس اٿئي. توکي وڌ ۾ وڌ ۾ مهيني تائين مان چوندو رهندس. ٻي صورت ۾ ڪورٽ...."

۽ هن ٽيليفون بند ڪري ڇڏيو هو. امتياز وٽ جو ٽڙ ٽي ويو هو ۽ رسيور هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪري پيو هيس.

هو سائرا جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ تڙپڻ لڳو. ان جون تصويرون هن کي آٿت ڏيڻ بجاءِ وڌيڪ اندر ۾ اهنج ڏيئي رهيون هيون. هو سوچيندو رهيو. پوڳيندو رهيو. نہ چاهيندي ڪهڙي مهل خوشبوءَ جو چهرو بہ ذهن تي اچي ٽي ويس. ان جو ڏانهنس ايڏي همدرديءَ وارو رويو ڪجهہ نہ ڪجهہ سهنج ڏيئي رهيو هيو. ڪيس ڪجهہ هلڪائي ملي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧

جمعي واري ڏينهن، ڪوٽ ڏيجي قلعي تي هلڻ لاءِ سڀئي تيار ٿي ويا. امتياز پنهنجي هڪ ويجهي دوست کان ڪار ورتي. ڇو تہ هنن وٽ رڳو موٽر سائيڪل هئي. گهر ۾ سائرا جي وڃڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو چرپر ٿي رهي هئي. صبح سان اٿي خوشبوءِ امتياز جي ماءُ ڪائڻ لاءِ مختلف شيون تيار ڪيون.

نائين وڳي سڀئي ڪوٽ ڏيجي جي قلعي ڏانهن روانا ٿيا. رڳو امتياز جو پيءُ نہ هليو. ڪيس ڪو ضروري ڪم ٿي پيو هو. خوشبو امتياز سان گڏ فرنٽ سيٽ تي ويٺي هئي. پٺيان وقار پنهنجي ماءُ ۽ ماسي سان ويٺو هو. سڀنيءَ جو موڊ خوشگوار هو. امتياز بہ الاهي ڏينهن کان پوءِ پاڻ ڪجهہ هلڪو هلڪو محسوس ڪري رهيو هو. ڪار مريم توپ کان سپر هاءِ وي تي آئي ۽ ڪوٽ ڏيجي ڏانهن روانو ٿي. شهر کان ٻاهر نڪرندي، امتياز خوشبوءَ کي لوڪيشن ٻڌائيندو ٿي ويو. واپڊا ڪالونيءَ وٽ هن ڪار آهستي ڪئي. روڊ جي ڪاٻي پاسي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "هتان لطيف يونيورسٽيءَ جي حد شروع ٿئي ٿي."

وقار رڙ ڪئي، "اتي ئي نوري هاسٽل آهي."

خوشبوءَ ڏانهنس ڏسي مرڪي ڏنو ۽ وقار جي دل دڙڪي وئي. ڪار ڪجهہ اڳتي وڌي، امتياز آهستي هلائي رهيو هو. ڇڻ يونيورسٽيءَ جي احترام ۾ ايئن ڪندو هجي. اوچتو وقار ٻيهر رڙ ڪئي، "۽ ماسات هي اٿئي حامي هاسٽل، هتي ڇوڪرا پنگ پيئندا آهن." هن هٿ جو اشاري ڪندي بي اختياريءَ واري لهجي سان چيو.

سڀني جا ٽهڪ ڪار ۾ گونجي ويا. وقار کان سندس ماسي پڇيو، "پنگ پيئندا آهن؟"

"ها ماسي." تورو شڪي ٿيندي چيائين، "مونکي بہ هڪ ڀيرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست وٽي آيا هئا. ڏيڍ گلاس پياريو هئائون. پوءِ تہ ايترو کليو هيم جو شايد ڪڏهن کليو هجان. پيو تہ ٺهيو ٿن چئن ماڻهن جي ماني بہ کائي ويو هوس.“

امتياز ڪار جي اسپيڊ وڌائي ڇڏي.

ڪوٽ ڏيجيءَ جون ٽڪريون پري کان ظاهر ٿيون. ساڄي پاسي اشارو ڪندي امتياز چيو، ”خوشبو، هيڏانهن ڏس، هي اٿئي ڏيجي جا ڪندر، موئن جي دڙي کان اڳ جو دؤر.“

خوشبوءِ رڳو پرون تاڻيون.

ڪار مين روڊ کان کاٻي پاسي ڦيريائين. هاڻ هو قلعي جي ٻاهران ڦري آيا هئا. مک گيٽ وٽ اچي هن ڪار بيهاري. سيني جي لهي وڃڻ کان پوءِ هن ڪار کي ٿورو اڳيرو ڪري ڇانو ۾ پارڪ ڪيو. دروازا لاڪ ڪري هو بہ هتي سان اچي مليو. سيني ڪوٽ ڏيجيءَ جي قلعي جي دروازي وٽ بيهي جهٽ لاءِ ان جي اڏاوت ۽ جوڙجڪ جو جائزو ورتو. هو اندر داخل ٿيا. وچ ۾ ميدان هو ۽ ان جي ڀر پاسي قلعي ۾ ننڍا وڏا دڙا، لاهيون چاڙهيون، برج، ديوارون، سيئي قلعو گهمندا رهيا. خوشبوءَ جهٽ لاءِ محسوس ڪيو تہ هو ان دؤر جي ڪا ناري آهي ۽ وقار هن جي هلت ڏسي من ۾ سوچيو هي تہ ڄڻ هن قلعي جي ڪنهن محل جي راڻي آهي.

امتياز جون سوچون لڙهندي لڙهندي ان وقت تي وڃي اٽڪيون، جڏهن هو شاديءَ کان پوءِ سائرا سان گڏ قلعو گهمڻ آيو هو. ٻئي اڪيلا هئا. جڏهن سائرا ٿڪجي پئي هئي. هو ٻئي هڪ ديوار جي ڇانو ۾ اچي وينا هئا. سائرا هن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکيو هو ۽ هن سندس ڳلن تي هٿ رکيو هيو. سوچيندي سوچيندي هو انهيءَ هنڌ اچي پهتو. جتي هن پورو اڌ ڪلاڪ ويهي هڪ ٻئي جي وارن ۾ آڱريون گهمايون هيون. هڪ ٻئي ڏانهن ايئن نهاريو هئائون ڄڻ تہ هو سيني پلن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ نهار ۾ قيد ڪرڻ چاهيندا هجن. هو نيڪ ان جاءِ تي اچي بيٺو. ان ويل ٻہ ساڳيو ئي وقت هو. ساڳي ڇانوَ. هن اتي وچايل خوشين جي کوج ڪرڻ چاهي ۽ ويهي رهيو. سوچون تيزيءَ سان هن ذانهن ڏوڪينديون آيون. هن سوچڻ نہ ٿي چاهيو پر....

وقار ماسيءَ کي خوشيءَ سان گهمائيندو رهيو. سندس رويو اِهڙو هو ڄڻ هُو ماسيءَ کي ايڏو خوش ڪندو جو جيڪا بہ شيءِ ڪائنس گهرندو تہ ماسي انڪار نہ ڪندي. هن چاهيو ٿي تہ هو ماسيءَ لاءِ اهڙو ڪارنامو انجام ڏئي جو ڪيس انعام لاءِ هن کي آفر ڪئي وڃي ۽ هو في الحال انعام وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏي. اوچتو هن جي من ۾ ڪا شهزادي جاءِ ڪري ويئي. پوءِ هو ان جي گهُر ڪري. هن جي نظر ۾ اِهو سندس گهر ۾ عظيم ڪارنامو هوندو جو هو سڌو ٿي ويندو. ٿيو بہ تہ ايئن هو. پر ٽن ڏينهن ۾ وقار جي هلت چلت ۾ الاهي فرق اچي چڪو هو. سڀ حيران هئا ۽ وقار پڻ حيران هو تہ رڳو خوشبوءَ جي "ماسات" چوڻ ۽ ان جي هڪڙي مرڪ ۾ ايڏو جادو آهي جو هن جهڙو گنجريل ۽ وچڙيل ماڻهو ٺورو سڌو ٿيندو پيو وڃي. سنيرندو پيو وڃي.

خوشبو امتياز جي سامهون اچي بيٺي. پر هو اڪيون ڪليل هئڻ جي باوجود پٽ سان ٽيڪ ڏيو. سوچن جي مها ساگر ۾ ٻڏل رهيو.

"موتي اچو." خوشبوءَ اکين اڳيان هٿ لهرائيندي چيس.

"هون."

"ڪهڙي دنيا ۾ هئا؟" خوشبو پڇيو.

"عذابن ۽ دردن جي." هن ڏکهو ساهہ کنيو.

"واهہ دردن ۾ تہ ڏاڍو سرور هوندو آهي." "هون." امتياز هلڪو مرڪيو. "اهڙي ڀاڳ جي سڌي لڪير منهنجي هٿ ۾ ڪٿي؟"

هوءَ ٿورو ويجهو اچي سندس سامهون ويٺي. "ڀاڳ جي لڪير هجي يا زندگيءَ جي." خوشبو پنهنجو ساڄو هٿ کوليندي ان ۾ ڏٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اِهي سڏيون هجن ها تہ هوند درد جو ڪو سرور ماڻي ئي نہ سگهي ها.“

”پر، درد ۽ عذاب ۾ فرق هوندو آهي. ميان تو دردن ۾ سرور هوندو آهي. پر مون وٽ رڳو درد ناهن. يادن جا عذاب آهن. حالتن طرفان ڪنڊن جهڙي اڪيلائي انعام مليل آهي.“

”پر يادن جي بہ تہ ڪا معنيٰ آهي. ممڪن آهي انهيءَ اڪيلائي جا گهاءُ ئي اُهو سرور هجن جَن کي عذاب پيا سمجهو.“

”منهنجو روح مون کان ڏور آهي. ان لاءِ منهنجي جسم تي ٽيندڙ گهاءُ، منهنجي ذهن تي ٽيندڙ اِهي عذاب ڪا معنيٰ نہ ٿا رکن.“

”مقصد تہ هاڻ هر شيءِ بي معني ٿا سمجهو. ڪنهنجون خوشيون، خواهشون ۽ آسون.“

”ها، مون لاءِ خوشيءَ ۽ ڏک هڪ ٽي ويا آهن. مان پولارن ۾ ٽنگجي پيو آهيان. هاڻي نہ منهنجا پير ڌرتيءَ تي رهيا آهن ۽ نہ ئي وري آسمان ۾ هٿ آهن.“

هو ڳالهائي رهيا هئا تہ وقار وارا بہ اچي ويا. ڪائڻ لاءِ هلڪي ڦلڪي رفريش منٽ ۽ ٿرماس ۾ پيئڻ لاءِ چانهہ آندي هئائون. ڪائڻ، پيئڻ دوران ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪندا رهيا.

٨

وقار محسوس ڪيو تہ سندس روح جي بدن تي ڪتڪتايون ٿي رهيون آهن. هو هيل تائين سوچيندو رهيو هو تہ رڳو پاڻ لاءِ پنهنجي مرضين لاءِ. هاڻ ڪيس احساس ٿيڻ لڳو تہ زندگيءَ جي بدن تي پيار جا ڪپڙا پهريل آهن. ڪمري ۾ ويهي، هلڪي روشنيءَ ۾ رات جي گذرندڙ لمحن سنگ سنگ سوچڻ لڳو: ڇا هوءَ مون سان پيار ڪري ٿي؟ مرڪي ڳالهائڻ، منهنجي مرضي ميڙائڻ لاءِ منهنجو ساٿ ڏيڻ، هن سان ملڻ لاءِ منهنجو آتو رهڻ، منهنجي دل جو ڌڙڪڻ، اڪيون اڪين سان ملڻ، اهو پيار ناهي ڇا؟ ها مان هن سان پيار ڪيان ٿو. هوءَ بہ تہ مون سان پيار ڪري ٿي. ڪوٽ ڏيجي جي قلعي تي ڪيڏيون ڪچهريون ڪيون هئائين، چيائين، "انسان جي زندگيءَ ۾ جڏهن پيار جو ڏيئو ٻرندو آهي تہ ابهم جذبا مرڪندا آهن. ٽڪل ۾ ساٽا ٽيل سپنا سندرتا جي سرور سان سڪون وارو ساهہ کڻندا آهن."

چيومانس، "جڏهن پيار ڪرڻ واري شيءِ جو انتظار هوندي بہ اُها نہ اچي تہ. پوءِ...."

هن ٿي تہ ڳالهہ ڪٽي چيو، "نہ ماسات، ائين ناهي. پيار جنهن سان ٿيٽو هوندو آهي تہ اُها شيءِ قطعي ڏور ناهي هوندي." هو ان مهل منهنجي ويجهو هئي ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، "ايتري بہ وڇوٽي ناهي هوندي."

ڇا، هوءَ مون سان پيار ڪري ٿي؟ مان بہ تہ ڪيان ٿو. هوءَ ٿي تہ ويجهو هئي ان مهل منهنجي. مون کي خوشبوءَ جو انتظار هو. ڀلا مون جهڙو ارڏو ماڻهو، جيڪو رشتن کي بہ اهميت ڪونہ ڏيئي رهيو هو. اُهو رڳو ۽ رڳو هن جي ڪارڻ ميڻ بتي ٿي وڃي! ها، هوءَ منهنجي آهي.

هو سوچيندو رهيو. سندس ذهن ۾ خوشبو اگربتيءَ جيان دکندي رهي ۽ هن جو من واسبو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩

خوشبوء کي احساس ٿيڻ لڳو تہ زندگي هن گهر ۾ ڪجهہ موٽ ڪاڏي آهي. وقار جي روزاني ضد واري عمل جي جاءِ تي هاڻ گهر ۾ هن جا هڪ گهريلو نوجوان جهڙا رويا هئا. هو ٻيءُ ۽ ماءُ سان پيار ڪرڻ لڳو هو. امتياز تي ڪيس انتهائي رحم اچي رهيو هو ۽ امتياز ڪي پڇتاوا رات جو عذاب ڏيڻ لڳا. هو ڪهڙي ڪهڙي مهل روئي بہ پوندو هو ۽ اڪيلائي هن کي پرڇائي بہ ڪونہ سگهندي هئي. سوچيائين تہ هن جي ڪري ئي گهر جو جيڪو سڪون برباد ٿي ويو آهي هو ان کي واپس ڪندو.

خوشبوءَ جي من ۾ امتياز لاءِ همدرديءَ جا جذبا وڌندا ويا ۽ انهيءَ جذبي جي ٻوٽي مان اڄو گل ڦٽڻ لڳو.

هن چاهيو تہ امتياز جا درد ونڊڻ کپن. ڪيترائي ڀيرا چاهيائين تہ ساڻس ڪوڙ پل ويهي ڪچهري ڪري، پر وقت ئي نہ ٿي مليس. پارٽي وارن جون دعوتون، بہ ٿي ساهيڙيون ٿي ويس. انهن سان ڪچهريون ڪرڻ. وقار جي هر ڳالهہ اِهو سوچي مجڻ لڳي تہ ڪٿي هو وري نہ موٽ ڪائي. ساڻس ويهي لڊو راند ڪرڻ، ٺهڪ ڏيڻ، لطيفا ٻڌائڻ. هوءَ سمجهي رهي هئي تہ وقار ضدي ٻار آهي جنهن کي ريجهائڻ انتهائي ضروري آهي. پر وقار جي ذهن ۾ انهيءَ سموري عمل لاءِ سوچ ئي ٻي هئي. هو محبت جي مني رس جو ذائقو محسوس ڪرڻ لڳو.

حيدرآباد وڃڻ لاءِ جيڪو سوچيو هئائين. هاڻ اُهو ارادو بدلجي ويس. هفتو پروگرام وڌائي ڇڏيائين. ماڻس بہ ڪٽي هاڪار ڪئي. گهر فون ڪري ڇڏيائون.

”اڄ امتياز کي لنوائڻ ڪونہ ڏينديس.“ هوءَ امتياز جي ڪمري ۾ سوچي داخل ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي اچڻ ۾ ڏهه منٽ اجان هئا. پر هوءَ اڳواٽ ئي سندس ڪمري ۾ وئي. هر شيءِ بي ترتيب هئي. مرڪي پئي. سڀ شيون سيٽ ڪيائين. ٽيپ ۾ انسٽريومينٽل ميوزڪ جي ڪيسٽ وجهي، پلي ڪري، ڪرسيءَ تي اڪيون ٻوٽي ويهي رهي. ڪجهه لمحن کان پوءِ احساس ٿيس ته ڪو ڪمري ۾ داخل ٿيو آهي، هڪدم اکيون کوليائين. دروازي وٽ امتياز بيٺو هو. هينيون چپ ڏندن ۾ هيس. ڪمري جو جائزو وٺي رهيو هو. خوشبوءِ ڳالهايو، "اچي ويا؟"

"هن مهرباني ڪرڻ جي ڪهڙي ڳهرج هئي؟" امتياز پلنگ تي ڊائري اڇليندي چيو.

ان ويل خوشبوءَ جي وجود ۾ ساهه ۾ هڪ ئي وقت ڪوڙ شيون ساهه کڻڻ لڳيون.

"بس ايئن دل چاهيو، ڪري ڇڏيم." مرڪي ورندي ڏنائين.

"دل جو چاهڻ ئي ته وڏو سراب آهي." امتياز چيو. هوءَ ڇرڪي پئي.

"ويهو." ڪرسي ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ۽ پاڻ به بيڊ تي ويهي رهيو.

"امتياز، تنهنجي لهجي مان لڳي ٿو ته تون اجان اوپرائپ محسوس ڪري رهيو آهين. جڏهن ته آئون سمجهان پئي، اسان ٻئي ماسات هئڻ سان گڏ سنا دوست به ٿي ويا آهيون." خوشبو چيو.

"مون ڪي وري ان کان ڪڏهن انڪار آهي. ڏس نه، اڳ مان ڇا هيس؟ تنهنجي ڪري، ڪيڏو تبديل ٿي ويو آهيان. ڳهاءُ ڪٽي ڀريا ناهن. پر انهن جي درد واري احساس کي ڳهٽ ۾ ڳهٽ رکو تنهنجي ڪري ئي ذهن جي ڪنهن باڪس ۾ بند ڪري ڇڏيو اٿم. يا ايئن سمجهه ته بينڪ جي لاڪر ۾ آهن جيڪي ان جي مالڪ کي موٽي ملندا. بنا نفعي ۽ نقصان جي." هو مرڪي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشبوءَ جا چپ بہ مرڪڻ سان ويتر جهڪ لاءِ سنها ٿي ويا. چڻ گلابي پني تي ڳاڙهي مارڪر سان ڪنهن گول پائي ڇڏيو هجي.

ٻئي ويهي رهيا. جهڪ سانت ڇانئجي وئي. خوشبوءَ ئي ڳالهايو.

”امتياز، جي مائينڊ نہ ڪرين تہ مون سان پنهنجا درد شيئر ڪر. تنهنجي انهن اکين پنيان جيڪو ڪجهہ آهي. مان اُهو ڏسڻ ٿي چاهيان. سمجهڻ ٿي چاهيان.“

”هون.“ امتياز ڪنڌ ڌوڻيو. ”منهنجي اکين تي تہ منهنجي هن ئي ڪمري جون ديوارون اسري ويون آهن. ان ڪري مون کي ئي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي. توکي ڇا ٻڌايان؟“

”پليز، امتياز!“ خوشبوءَ جي لهجي ۾ ست ماڙ ڪان ڪرنڌڙ ماٺهوءَ جي زندگي بچائڻ واري خواهش جيتري التجا هئي. ”ڇا اسين اڃان اهڙا دوست نہ ٿي سگهيا آهيون جو هڪ ٻئي سان ڪجهہ شيئر ڪريون؟ ڇا اڃان هڪ ٻئي لاءِ اوپرائپ جو احساس آهي؟“

”نہ بلڪل نہ“ امتياز چيو، ”ائين نہ سوچ. اسين سٺا دوست ٿي ويا آهيون. ڏس نہ اڳ ۾ اسين هڪ ٻئي سان مهمان ۽ ميزبان جيان ڊيل ڪيوسين. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ رت جي رشتي جي حوالي سان هڪ ٻئي سان هلياسون. پر پوءِ جڏهن دوست ٿيا آهيون تہ توهان، توهان جي جاءِ تون، تون ڪري ڳالهايون پيا. معنيٰ تہ اسين ڪوڙ ساريون وڇوٽيون ختم ڪري ڇڏيون آهن.“

”تہ پوءِ اڄ آئون ان ناتي جي حوالي سان ضد ٿي ڪيان تہ پليز! مون سان پنهنجا درد ونڊ.“ هوءَ ٻاڏائيندي چوڻ لڳي.

امتياز کي رات جي سيني تي سمهندي يادن جي بار ڪان سواءِ ڪجهہ نہ ٿي مليو. رات جنهن جي سيني تي سمهي سندر سپنا نيڻن ۾ ايندا آهن. خواب ننڊن ۾ مذرتا جا رنگ وکيريندا آهن. پر هن لاءِ سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ سور هو. چاهڻ لڳندو هو تہ ڪمري جي ڪنهن ديوار ۾ گم ٿي وڃي. پر چاهيائين تہ اڄ هو خوشبوء ڪي سڀ يادون، سڀ درد، سڀ سور ٻڌائي ڇڏي.

هن اڪيون پوريون، ڪوليائين تہ ٻہ لڙڪ انهن مان نڪتا. خوشبوءَ جي روح کي سُئي چڀي وئي.

هو ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي ويٺو. ”خوشبوء، منهنجي محبتن جو داستان نہ ايڏو وڏو نہ آهي ۽ ننڍو آهي. منهنجي دردن جي ڪٿ ڪرڻ نہ آسان آهي نہ ڏکي. هي درد ۽ محبت مون وٽ ان وقت آيا، جڏهن مون جوانيءَ جي ڌرتيءَ تي پهرين وک کنئي. جڏهن سانوڻ جون ڦڙيون ڪريون تہ مون محبت جي ڌرتي آلي ٿيندي ڏٺي ۽ ان مان نڪرندڙ واس ۾ گم ٿيندو رهيس.

توکي تہ خبر آهي، مان انٽر ڪان وٺي بي ايس سي ڪراچي ۾ ڪئي. اتي چاچا جن سان سندن گلشن ۾ رهندو هوس. انٽر ڪيم، منهنجي لاءِ ڪجهہ وقت واند ڪائي جو اچي ويو. مون دل جي ڌڙڪ تہ ان وقت ئي محسوس ڪئي هئي جڏهن ڪا سندر ڇوڪري ڏسندو هوس تہ منهنجي من ۾ پيهي ويندي هئي. سادو ۽ سڌوسنئون هيس. نہ ايڏو ذهين هيس ۽ نہ ئي ڏِل هيس. هڪ عام نوجوان هيس. درد، جذبا، احساس، محبت، پيار، سڀ مون لاءِ لفظ هئا. پر مون وٽ بہ هئا. جن کي محسوس تہ ڪري رهيو هوس، انهن جي سڃاڻ ڪونہ هئم. انٽر ڪان پوءِ واند ڪائي ۾ دوستن سان ڪچهريون ڪندو هوس. گهمندو هوس. ائين هڪ ڏينهن سفاري پارڪ ويس. ان ڪشادي باغ ۾ ڪيئي رنگ هئا. اتي اتفاقي رحيم بہ آيو هو. هن سان گڏ سندس ڀيڻ بہ هئي. رحيم سياسي ڪارڪن هو. وڳوڙن جي ڪري، هو پڪو قومپرست بڻجي چڪو هو. سندس ڀيڻ بہ سياسي ڪارڪن هئي. اڳ بہ ساڻس مليو هيم، پر ايئن هلڪي نموني، رحيم مون کي اڪيلو ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زوري ٻاڻ سان گڏ ڪمپني ڪرڻ لاءِ چيائين. هنن جو ٻين دوستن سان پروگرام هو. جيڪي ٿوري دير ڪان پوءِ اچڻا هئا.

اسين ٽيئي ڇپر تي ويهي رهياسين. ٻار، عورتون، مرد، مختلف ٽولين ۾ گهمي رهيا هئا. ڪي ويٺل هئا. رحيم چيو، "توهين ويهو. جيستائين ٻيا دوست اچن، ٻاڻ ڪجهه کائون."

هو ڪجهه وٺڻ لاءِ هليو ويو. هوءَ ۽ مان ويٺاسين. مون ڪي پنهنجي وجود ۾ ڪا شيءِ چرندي محسوس ٿيڻ لڳي. خاموش هيس ته هن ڳالهايو. هوءَ مرڪي رهي هئي. ڳالهائڻ ۾ اعتماد هيس. پڇيائين، "ڇا ڪندا آهيو؟"

چيم، "انٽر ڪئي اٿم واندو آهيان."

سوچيم خاموشي بهتر ناهي. پڇيومانس، "۽ توهان؟"

هلڪو ٽهڪ ڏنائين، "هاڻي بي ايس سي ڪيان پئي."

سندس اعتماد ۽ لهجي مون ڪي احساس ڏياري ڇڏيو. ڄڻ مان هن جي اڳيان ٻار آهيان.

پڇيائين، "ڪهڙي پارٽيءَ سان واسطو اٿوَ؟"

چيم، "ڪنهن سان نه."

"ڇو؟"

"خبر ناهي، سياست سٺي ناهي لڳندي."

"ڪو ڪارڻ؟"

"رڳو مفادپرستي آهي." ڪيس سادو جواب ڏنم. "پر ڌرتيءَ لاءِ، سنڌيت لاءِ ته سياست ڪري سگهجي ٿي." هن چيو.

"بلڪل ڪري سگهجي ٿي. مون ڪي به پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ سان پيار آهي پر مسئلو اِهو آهي ته اسان جي سياست بنا ڪنهن پروگرام ۽ رٿابنديءَ جي ليڊرن جي مفادن تحت هلي رهي آهي." مون چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ مرڪي پئي، ”اِها پروپيگندا آهي.“

چيومانس، ”جيتوڻيڪ. مان ايڏو گهڻو سياست سان دلچسپي رکندڙ ناهيان. پر مان به اُهي ئي ڳالهيون چوان ٿو. جيڪي ٻين جي واتان ٻڌيون اٿم.“

رحيم اچي ويو ڪجهه دير ڪان پوءِ هن جا دوست اچي ويا. ڪجهه ڇوڪريون به هيون. سڀئي سنڌي هئا. سياست تي گهڻو تڻو بحث ٿي ڪيائون. پر مان انهن جي بحث ڪان لاپرواهي جو مظاهرو ڪري رهيو هوس. هوءَ مون ڏانهن گهوري گهوري نهاري رهي هئي. ڄڻ مان هن لاءِ چئلينج بڻجي ويو هوس. هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته مان به بحث ۾ شامل ٿيان. پر ايئن نه ٿيو. موڪلائڻ مهل هن زور ڀريو ته سندس گهر ضرور اچان. رحيم به چيو. مون هاڪار ڪئي.

ان ملاقات کي چڱا خاصا ڏينهن گذري چڪا هئا. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن هرويرو ياد اچي ويندي هئي. سندس پر اعتماد چهرو مون کي ڏاڍو سٺو لڳو هو. دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هورا ڪورا ٿيڻ لڳي. جمعي تي موڊ ٿيو. ”جمع بازار“ گهمڻ ويس. ويجهو هئي. اتي وري رحيم سان ملاقات ٿي وئي. هن سان حال احوال ٿيو. مون کي چيائين، ”يار تون ته حميرا لاءِ ڏاڍو تعجب بڻيل آهين!!“

چيم، ”تعجب!“

”ها. هوءَ توکي سياسي ڪارڪن بنائڻ لاءِ سندرو ٻڌيو ويٺي آهي. چئي ٿي، اِهڙا ماڻهو ئي سچا هوندا آهن ۽ انهن جي سچاين جي سخت ضرورت آهي.“

رڳو مرڪيم. اوچتو ٻانهن ڪان وٺي چيائين، ”اڄ جمعو آهي هل ته گهر ٿا هلون.“

منهنجي بنا ڪا ڳالهه ٻڌڻ جي سڌو شانتي نگر اچي پهچاياڻين. بس جي ان مختصر عرصي واري سفر ۾ مون هن سان ڪجهه نه ڳالهايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو.

هن جي گهر آيو هوس، حميرا ڏاڍي خوش ٿي هئي. ان ڏينهن هن مون سان سياست تي بحث ڪونه ڪيو هو. ايئن هلڪيون ڳالهيون ڪيونسين. منهنجي من مان هن جو ويئل رعب ختم ٿي ويو. جيتوڻيڪ هوءَ مون کان سال ڏيڍ عمر ۾ وڏي هئي. پر مان ان احساس کان نڪري آيو هوس.

ايئن اسانجون ملاقاتون ٿيڻ لڳيون. هوءَ منهنجي دل جي هڪ خاني ۾ داخل ٿي وئي. مون پيار جي هلڪي لڪير پنهنجي جسم ۾ لهندي محسوس ڪئي. مان به هن کي سنو لڳي رهيو هوس. نه هن پيار جو اظهار ڪيو هو ۽ نه مان.

حقيقت اِها هئي ته هن جي نظر ۾ سندس سنو دوست هيم. ڇو ته ڪجهه عرصي کان پوءِ هن جي شادي ٿي وئي. مون کان ڪا شيءِ کسجي وئي. احتجاج ڪري نه سگهيس.

خوشبوءِ، اها منهنجي پهرين پسند هئي. مان شايد ساڻس محبت تائين ڪونه پهتو هوس. هوءَ منهنجي وٽت واري دؤر ۾ هئي. پر پوءِ به شاڪ ٿيو. دل جي هڪ خاني ۾ ڪي شيون ڀڃنديون محسوس ٿيون. شايد آسون ۽ جذبا هئا.

ڪجهه مهينن لاءِ ڊسٽرب ٿي ويس. پر پوءِ سنڀري ويس. ايئن ڏينهن گذرندا رهيا. حميرا ڪڏهن ڪڏهن ياد به ايندي هئي. هن جون ڳالهيون مون کي تڙپائڻ لڳنديون هيون. جن مان مون کي محسوس ٿيو هو ته هوءَ به مون سان پيار ڪري ٿي. پر نه ڄاڻ ڇو، هوءَ نه ان جو اظهارڪري سگهي ۽ نه ئي هن جي چهري تي ڪي اهڙيون ريکائون هيون. ها پر، شادي کان پوءِ جڏهن هن جي اکين پنيان جهاتي پاتم ته لڳو هاڻ به مان هن جي لاءِ ساڳيو هوس. پر هاٽي ڪجهه ٿيڻ جا ڪي به امڪان نه هئا. هوءَ خوش هئي ۽ مان به چاهيو ته هوءَ خوش رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺڻ چاهيم پر موڊ نہ ٿيو. پر چاچا جي زور ڀرڻ تي اردو سائنس اينڊ آرٽس ڪاليج ۾ بي ايس سي ۾ داخلا ورتم. مان رلڻ بجاءِ ڪمري ۾ رهڻ ٿي چاهيو. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلو نڪري ويندو هوس. سمنڊ ڪناري ڇولين جي راند ڏسندو هوس، ڪياماڙي، هل پارڪ، ڪڏهن بازارون گهمندو هوس. اڪيلي گهمڻ ۾ ڏادو سڪون ايندو هو. شايد اها اڪيلائي منهنجي ازلي ساٿي هئي.

حميرا کي وسارڻ چاهيم. پر جيئن جيئن منهنجو ذهن ميچوئر ٿيندو ويو. تيئن تيئن هن جي ياد ۾ شدت ايندي وئي. تڙپ وڌندي وئي. اڪيلائي جو احساس گهرو ٿي ويو. اِها پڪي ڄاڻ هوندي تہ هاڻ هوءَ ۽ مان ڪنهن بہ واٽ تي، ڪنهن بہ هنڌ هڪ نہ ٿا ٿي سگهئون. پر پوءِ بہ ....

خوشبوءَ، انهن ڏينهن جو درد ئي هو جنهن مون کي سهپ جي عادت وڌي نہ تہ هاٺي تائين....”

خوشبوءَ هن جي وارتا ٻڌي رهي هئي. ذهن ۾ ايڏي اڪير ۽ احترام هئس جو ڀانيائين ٿي تہ ڪو الهامي گيت ٻڌائي رهيو آهي. جنهن سان هن جو روح سڪون ماڻي رهيو هجي.

هو چوندو رهيو، ”خوشبوءَ، مان وڌيڪ تفصيل ۾ نہ ٿو وڃڻ چاهيان. ڪاليج ۾ ڇوڪرا، ڇوڪريون مختلف قومن سان واسطو رکندڙ هئا. ماحول ۾ چڪتاڻ هئي. گليمر جو ڀرپور مظاهرو هيو. مون پاڻ کي گليمر جو حصو ڪرڻ چاهيندي بہ ڪري نہ سگهيس. پوءِ پنهنجي ساڳئي روبي تي موٽ ڪاڏم. اڪيلو، دوستي بہ ٿوري رکيم.

ارم مون ڏانهن پاڻ وڌي آئي. اسان جي گهر جي سامهون گهر هيس. وچ ۾ روڊ هئو. هوءَ پيءُ ماءُ جي اڪيلي ڌيءَ هئي. اردو اسپيڪر هئا. هن کي مرد دوست ٺاهڻ جو ڏادو شوق هو. مان ڊيگهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نہ تو وڃڻ چاهيان. اسين تورن ئي ملاقاتين ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو ٿي وياسين. هوءَ مون سان دوست جيان ترپٽ ڪري رهي هئي ۽ منهنجي چريءَ دل هن کي پنهنجي ٻي خاني ۾ جاءِ ڏيڻ لڳي. مون پاڻ تي چڙ کاڌي تہ آخر ايڏو نرم ڇو آهيان جو عورت جي ويجهو وڃڻ سان پيار ڪرڻ لڳندو آهيان. هوءَ منهنجي دل ۾ پيهي وئي. مون لاءِ احترام جوڳي ٿي وئي. هڪ ٻئي سان ڏاڍو فري ٿي وياسين. هتن جي ڇيڙ ڇاڙ ائين ڪندا هئاسين، ڄڻ يا تہ ٻئي مرد آهيون يا ٻئي عورتون.

هڪ ڏينهن مان ڪاليج لاءِ جيئن ٻاهر نڪتس تہ هوءَ پنهنجي گهر جي مين گيٽ وٽ بيٺل هئي. سندس ماءُ ۽ پيءُ ڪار ۾ ٻاهر نڪري رهيا هئا. جڏهن ڪار هلي وئي تہ هن مون کي سڏ ڪيو. ڏانهنس هليو ويم. هن کي اڇا ڪپڙا پهريل هئا. ان رنگ ۾ هوءَ ڏاڍي وڻي رهي هئي. ايئن ٿي لڳو ڄڻ هوءَ ڪير جو رنگ ڪسي آئي هجي. وار کليل هئس. هلڪو ميڪ اپ ٿيل هيس. هوءَ مون کي پنهنجي بيڊ روم ڏانهن وٺي آئي. منهنجي من ۾ مقدس پيار جا جذبا هئا.

هن چيو، ”ويٺهو.“

مان ويهي رهيس. الائجي ڇو ان ڏينهن ويهڻ سان بيقراري پيدا ٿي پئي. لڳم تہ ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي. ڪو حادثو ٿيندو ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿيندو.

هوءَ هڪدم هلي وئي. واپس آئي تہ ڊرائي فروٽ ۽ بوتلون کڻي آئي. ٽيبل تي رکي چيائين، ”لو مزے اڑاؤ.“ ۽ پاڻ سامهون رکيل ٽي وي آن ڪيائين. ان جي پڪ ۾ رکيل وي سي آر جي ”پلي“ کي آڱر سان پيش ڪري مون سان گڏ پلنگ تي اچي ويٺي. اسين هڪ ٻئي سان بلڪل گڏ ويٺا هئاسين ڪا بہ وِڇوٽي نہ هئي. هن منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکيو. ٽي ويءَ جي اسڪرين تي تصويرون اچڻ شروع ٿي ويون. پهريون حيرت ٿيم. پوءِ ڇرڪ نڪتو. چيومانس، ”يہ ڪيا چلايا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي؟"

چيائين، *" ديکهتے جائو. تم بهي جوان هو مين بهي جوان هون فکر کي کوئي بات نهين"* -

منهنجي وجود ۾ باهه وني وئي. فلم اڳهاڙي هئي. نه ڄاڻ ڇو منهنجي ذهن تي جنون طاري ٿي ويو ۽ ڪيس به ٿي ٿڦون وهائي ڪڍيم. جنونيت هئي. ديوانگي هئي. ڇاپي هو. مان انهن ڳالهين جي ابتڙ سوچي رهيو هوس.

اهو ڀيو ڀيرو هو جو ڀيهر دل ۾ ڪا شيءِ ڀڄندي محسوس ٿي. خوشبوءِ، مان وڪري ويس، پڇتايم، پاڻ سان وڙهيم. دنيا ۾ ڇا ڇا نه ٿيو هلي، پر مان دنيا جهڙو نه ٿي ٿيڻ چاهيو. ان کي شرافت جو نانءُ ملي، ڀؤ جو ملي، بزدليءَ جو ملي. ڪهڙو به نانءُ ملي، ڇا به سوچيو وڃي پر مان غلط روين جي خلاف هيس. ڇو هيس؟ خبر ناهي. هتي ته گهٽا ٽٽا هوندائي اهڙن عملن جي تاڙ ۾ آهن پر مان....مان... مختلف ماڻهو هيس.

ڊاڪٽر چوندا آهن ته دل جا چار خانا ٿيندا آهن. جي ايئن هو ته پوءِ مان رڳو ٻن خانن جي آڌار تي جِي رهيو هوس. منهنجي لاءِ هاڻ دنيا ۾ ڪو به چارم نه هو. هڪ ته فطري طور مان عجيب قسم جي نوجوانن ۾ ڦٽيو ويندو هوس. نه ڪنهن کي ڌڪائڻ. ها ۾ ها ڪرڻ وارو، سادو ۽ سڌو انسان هيس. معمولي زندگي گذارڻ جو عادي هيم.

خبر ناهي ڪيئن وقت ڪٽيو؟ ان هوندي به دل جي ڌرتيءَ تي گل ٽڙڻ جا آثار هئا. جيڪي مونکي آٿت ڏيندا هئا. هڪ انتظار هو، ڪا شيءِ ايندي محسوس ٿيندي هئي. مان ڪراچيءَ جي ماحول ۾ اذيت محسوس ڪرڻ لڳس. فيصلو ڪيم ته واپس گهر ٿو وڃان. فيصلي کي عملي شڪل به ڏيئي ڇڏيم. چاچا وارا حيران هئا. ايسٽائين بي ايس سي ڪري چڪو هيم. مان خيرپور هليو آيس، بابا ۽ امان وارا پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريشان هئا. ڪنهن کي به ڪجهه نه ٻڌايم. پاڻ کي هوريان هوريان ريجهائيندو رهيس. ميوزڪ منهنجو ڏاڍو سهارو بڻجي ويو. اهڙي صورتحال ۾ مون گهر وارن کي وڌيڪ پريشان نه ٿي ڪرڻ چاهيو. ان ڪري گهر وارن سان رويو نارمل رکيم. جيئڻ هيم، خبر ناهي ڪهڙي ڪارڻ سبب زخم ڀرجي ويا. ڪهڙو اثر هو؟ اِها بعد ۾ خبر پئي ته مان ته جنهن اڄ ۾ ڦٿڪي رهيو آهيان، ان اڄايل روح کي ته پاڻي ملڻو ئي هتي هو.

ويني ويني بوريت ٿيڻ لڳي. سوچيم ڇا ڪجي؟ بابا صلاح ڏني ته هتي لطيف يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي سي ڪيان. مون ڪٽي هاڪار ڪئي. ان وچ ۾ وقار جا رويا ڏسي مان ڏاڍو پريشان هيس. مون کي ڄاڻ هئي ته هو "سائيڪو ڪيس" آهي، جيڪڏهن سندس مرضيءَ جي خلاف ڪو ڪم ٿيندو هو ته گهر ۾ باهه ٻري پوندي هئي. ايتري تائين جو پاڻ کي ختم ڪرڻ جي پوزيشن ۾ به هو. انڪري اسين ساٽس ڏاڍو ڏکيائي وچان هلي رهيا هئاسون. هن جي معاملي ۾ اسان جو هڪ هڪ پير ايڏي احتياط سان کڄي رهيو هو. جو چور به چوري ڪندي ايئن نه ڪندو هوندو.

داخلائون شروع ٿيون فارم ڀريم، مائگريشن سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيون گهرجون پوريون ڪيم. مان نارمل ٿي ويس. مون کي لڳو ته منهنجي دل جي خانن ۾ آسن، اميدن ۽ جذبن جا ذرا ڀيهر ڳنڍجي رهيا آهن.

ڪيمسٽريءَ ۾ داخلا ٿي وئي. صبح جو پوائنٽ ۾ ويندو هوس، ڪڏهن هڪ بجي ڪڏهن ٻي بجي واپس ٿيندو هيس.

مان انهن رواجي شاگردن وانگر هيس جن سان هرويرو ڪو دوستي رکڻ، يا ڏيکه ڪرڻ جي ڪوشش ڪونه ڪندو هو. ڪلاس ۾ اٽڪل چونجاه شاگرد هئاسين. جن ۾ ويهه ڇوڪريون هيون. هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيءِ رواجي هلي رهي هئي. پڙهائي پنهنجي حساب سان تي رهي هئي. وقت پنهنجي حساب سان گذري رهيو هو. خبر نه پئي هڪ سال گذري ويو.

ڇوڪرين جي حوالي سان مان ڪنهن طرح به جذباتي ڪونه هيس ۽ نه ئي ڪا خواهش هئم، ان هوندي به هڪ الڪو ضرور هيو. جيڪو مون لاءِ پاڻ سوال بڻيل هو. لڳي رهيو هوم ته منهنجي اندر ۾ زخم آهن، انهن زخمن کي مرهم لڳندي پئي وڃي. پر ڪيئن؟ خبر نه ٿي ٿيم. اوچتو اندر ۾ اڏما وڌي ويا. بي چيني، بي قراري وڌي وئي. ڪجهه ٿيڻ جا آثار هئا. جيئن صحرا ۾ رهندڙن کي طوفان اچڻ جا آثار اڳواٽ محسوس ٿيندا آهن. تيئن منهنجو من ٿر به اهڙي آثارن لاءِ تڙپي رهيو هو. جڻ ڪو مينهن پوڻو هجي. ٿر تي باک ڦٽڻ کان اڳ وسڪارو ٿيڻو هجي. ها ائين هو. هوءَ، جنهن کي مان رڳو ڏسندو هوس، سا دل ۾ لهندي وئي، مون هن کي ذهن ۾ محسوس ڪيو ۽ پوءِ دل ۾ سندس عڪس اُڪري ويا.

هڪ ته هتي هرويرو ڪنهن ڇوڪريءَ سان ڪونه ڳالهيو هيم، ٻيو وري مان انهيءَ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي رهيو هوس، جتي اڃان سوڙو گهٽيل ماحول هو. ڪي به جوڙا رڳو خيرخواهيءَ ۾ به ويهندا هئا، يا پاڻ ۾ پيڻ به هوندا هئا ته به انهن لاءِ ڪيترائي جملا مختلف شاگردن جي ڇپن تي چرندا رهندا هئا. استادن جو گهڻو سيڪڙو پرائمري استادن واري ذهنيت رکندڙ هو. مطلب ته مون جهڙي پنهنجو پاڻ ۾ رهندڙ ماڻهوءَ لاءِ اهو ممڪن ئي نه هو ته ڪو مان ساڻس اظهار ڪري سگهندس. سڄي يونيورسٽيءَ ۾ منهنجا رڳو ٻه گهرا دوست هئا. باقي ڪجهه ٻين سان رڳو دعا سلام هئي. ڪلاس فيلو رڳو ڪلاس ۾ ئي هڪ ٻئي جا ڪلاس فيلو لڳندا هئاسين. ڪلاس کان ٻاهر هر ڪنهن جا الڳ الڳ دوست هئا. اهڙي صورتحال ۾ منهنجي ساٿي فداحسين ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروڙي ورتي ۽ منهنجي پريشانيءَ مان اندازو لڳائي ويو. ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌايم. چيائين، ”يار، هيڏو وقت ڪراچيءَ ۾ رهيو آهين. اڃان بہ ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ ۾ ڏڪين ٿو.“

چيومانس، ”ڳالهہ دراصل هي آهي.“ مان ڪجهہ دير چپ ٿي ويس... ”اصل ۾ هن جي شخصيت مون تي ايڏو گهرو اثر ڪري وئي آهي. جو هن جي سامهون بہ ايندو آهيان تہ الائي ڇا ٿي ويندو آهي.“

پڇيائين، ”ڪير آهي؟“

چيم، ”اڪامنڪس پارٽ ٽريءَ ۾ پڙهندي آهي. جنهنجو ڊگهو قد، گول چهرو، اڇي رنگت، سدائين ڪنڌ جهڪائي گهمندي آهي، ڪامن روم مان ڪنهن ڪم ڪان سواءِ ناهي نڪرندي، ڏاڍي سوبر آهي.“

فدا ٺهڪ ڏيندي چيو، ”استاد، ان تي عاشقن جي لائين لڳل آهي. اڄ تائين ڪير بہ ساڻس لفظ بہ ناهي ڳالهائي سگهيو.“

چيومانس، ”سڀ خبر آهي. بس ڪجهہ بہ آهي، هوءَ منهنجي آهي. منهنجي لاءِ ئي هتي پڙهي آهي. نہ تہ ڇا هو؟ مان ڪراچيءَ ڪان هن لاءِ ئي تہ هت آيو آهيان.“

مون کي خبر ناهي ڇا ٿي ويو. جذباتي ٿي ويس، اکين ۾ لڙڪ لڙهي رهيا هئا. لفظ اندر جي اونهائيءَ مان هئا يا دل جي جر مان ٿي آيا. لفظن جي آلاڻ فدا بہ محسوس ڪري رهيو هو. مون کي ياد آهي. ڪيس ٻنهيءَ ٻانهن جي ڏورن ۾ هٿ سوگهو وجهندي چيومانس، ”فدا، تون جيڪڏهن انهن جذبن کي سمجهي سگهين ٿو تہ ٻڌ، هوءَ جيڪڏهن مون سان نہ ٿي ڳالهائي تہ اهو اهڙو صدمو هوندو جنهن کي برداشت ڪرڻ جي همت مان شايد ساري نہ سگهان. مان هن ڪان سواءِ مري ويندس. ڪيترن ئي ڏينهن ڪان منهنجون نظرون هن جي وجود کي سجدو ڪنديون رهيون آهن. مون هاڻي ڄاتو آهي تہ منهنجي اندر هوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيتري ئي وقت ڪان رهندي تي آئي. منهنجي ٻانهن ۾ هن لاءِ هزارين ٻاڪر تڙپندا رهيا آهن. جن جو احساس هاڻي تي رهيو آهيم...."

ڪوڙ دير مان هن سان جذباتي ٿي ڳالهائيندو رهيو هيس. مون پوءِ محسوس ڪيو تہ اها تڙپ منهنجي اندر ۾ ڪيترن ئي ڏينهن ڪان هئي ۽ جڏهن فدا سان سور سليم تہ هن منهنجي دل ڀڏائي.

هوءَ ڏاڍي شريف ڇوڪري هئي. نانءُ بہ فدا ٻڇرائي ڏنو. سائرا نالو هيس ۽ پوءِ مون لاءِ اهو نانءُ ورد ٻڻجي ويو. فدا گرناري هيو. هو مون لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار هيو. وقت هوريان هوريان گذري رهيو هو. منهنجي تڙپ ۽ بي قراري عروج تي هئي. نيٺ هڪ ڏينهن فدا آيو، "اڄ ڪان ڪم ڇوريو اٿم."

پڇيو مانس، "ڪيئن؟" منهنجي دل ان وقت ايڏو تيزيءَ سان ڌڙڪي هئي جو لڳو هيم تہ وات مان ٻاهر نڪري ايندي يا سينو ڦاٽي پوندو.

ڇيائين، "سولي ترڪيب استعمال ڪئي اٿم."

پڇيم، "ڪهڙي؟"

ڇيائين، "رضيہ کي ڇيو اٿم."

"رضيہ ڪهڙي؟" ڪانئس پڇيم. ڇو تہ هو ڇوڪرين سان اڪثر مختلف بهانن سان ڳالهائيندو رهندو هو. ٻہ ٽن ڇوڪرين سان تہ ويجهو بہ هيو.

ڇيائين، "مائڪرو بائلاجي واري."

پڇيو مانس، "ڇا ڇيو اٿئي رضيہ کي."

مرڪي ڇيائين، "ڇيواٿمانس تہ ڪيمسٽري ۾ جيڪو امتياز پڙهندو آهي، اهو ڏاڍو شريف آهي. سوبر آهي."

"ٻران کي ڇو ڇيو اٿئي؟" مون ڳالهہ نہ سمجهي هئي. ڇيائين، "اڙي ڇريٽ، ٻڌ تہ سهي، رضيہ اهي ڳالهيون سائرا سان ڪندي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت جي معامري ۾ پھريون طريقو اھو آھي، تنھنجي ڳالھہ ھن وٽ پھچندي، تنھنجي نانءُ جي خبر پوندس پوءِ ھن وٽ تولاءِ احترام جاڳندو ۽ ايئن پوءِ....“ ھن ھٿ جي اشاري سان آسمان ڏانھن نھاريو ۽ مان مرڪي پيس.

واقعي ھو تجربيڪار ھيو. عورت جي نفسيات کان واقف ھو. ڇو تہ ھڪ پيرو سائرا، رضيہ سان ڪامن روم ۾ ويجي رھي ھئي ۽ مان ڪينٽين کان واپس اچي رھيو ھوس. ڪامن روم واري ڪاريڊور ۾ اسين بلڪل سامھون ھئاسين. منھنجو ان وقت سوچڻ وارو عمل بلڪل رڪجي ويو. جڏھن رضيہ ڪيس نوٽ ھنئي ۽ ڇپن ۾ ڪجھہ چيو ۽ مان سمجھي ويس تہ ھن چيس، ”اھو ٿئي امتياز.“

ھن ھڪ اڇاتري نظر مون تي وڌي ھئي ۽ پوءِ نظرون ھيٺ ڪري گرلس ڪامن روم ۾ ھلي وئي ھئي. مان ڪٿي ھيس؟ ڪيئن بيٺو ھوس. ڪيئن پوائنٽ وسيلي گھر آيس. اھو سڄو ڏينھن ۽ رات مون کي ياد ناھي. بس، رڳو اچاڻ ذھن تي ڇانيل ھئي.

فدا کي ٻڌايم. ھن چيو، ”استاد، ھاٿي ڪم ٿي ويو.“ ايئن ھوريان ھوريان ھوءَ مون ڏانھن ۽ مان ھن ڏانھن ڏسندا رھياسين. فدا رضيہ سان ملاقات ڪرائي ڇڏي ھئي ۽ مون کي ھوءَ سڀ حال احوال ٻڌائيندي ھئي. ھن ھڪ ڏينھن چيو، ”سائرا سان ڳالھائيندين؟“

مون چيو، ”ان کان وڌ ٻيو ڇا گھرجي.“

ھن چيو، ”تہ پوءِ چوانس، امتياز توسان ڳالھائڻ چاھي ٿو؟“

ناراض تہ نہ ٿيندي؟“ مون پڇيو.

چيائين، ”نہ نہ، ھوءَ ھاڻ توڏانھن ڪوڙ ساري مائل ٿي چڪي آھي.“

چيومانس، ”نيڪ آھي چوينس،“ ائين چوندي منھنجي سڄي جسم تي ھلڪو ڀگھر اچي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن ڏينهن کان پوءِ رضيہ چيو، ”ساڍي ٻارهين لڳي لاءِ سائرا کي چيو ٿم تہ تون ان سان ملڻ چاهين ٿو.“

”ڪٿي؟“ پڇيم.

چيائين، ”وي سي آفيس جي پٺيان نرسريءَ ۾.“

مان ساڍي ٻارهين جو انتظار ڪرڻ لڳس. ساڍي ڏهين کان سوائين ٻارهين تائين ڪلاس هيو. ڪلاس ۾ بي قراريءَ لڪي نہ سگهي ۽ استاد پڇيو، ”چاهي امتياز؟“

مان جواب نہ ڏيئي سگهيو هوس، اهڙي حالت ٿي وئي جو سيني تهڪ ڏنا هئا. سوائين ٻارهين ٻاهر نڪتس. ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. حيران هيس تہ مان ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ ايڏي مونجهہ محسوس نہ ڪئي. جوڪرين لاءِ تڙپ نہ هئي ۽ هتي هڪ ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ جو وقت ويجهو اچي رهيو هيو ۽ مان ايڏو بي قرار ۽ پريشان هيس، شايد ان ڪري جو هوءَ منهنجي وجود ۾ گهڙي وئي هئي. هوءَ اُهو احساس هئي جنهن جي ڳولا ۾ مان هميشہ هيس. اُهو جذبو هئي، جنهن لاءِ تڙپندو رهيو هوس. ٻارهين وڳي فدا مليو. ڪيس ڪينٽين تي وٺي آيس. وڻ هينان ويناسين ڪيس ٻڌائڻ چاهيم، پر ايئن لڳو ڄڻ سيئي مون ڏانهن ڏسن ٿا جيڪڏهن فدا سان ڳالهہ ڪيم تہ سيئي ٻڌي وٺندا.

فدا پڇي رهيو هو ۽ مون چيو ٿي، ”ٻڌايان ٿو.“

بيرو پاڻي جو جڳ کڻي آيو. مان اڌ ڪان گهٽو پي ويس. فدا پڇيو، ”چاهي؟ ٻڌائين ڇو نہ ٿو؟“ پريشاني هن جي چهري تي ڇانئجي وئي هئي.

هوريان هوريان چيومانس، ”يار، سائرا ساڍي ٻارهين وڳي مون سان ملندي.“

فدا ٿپ ڏنو ۽ زور سان منهنجي سٿر تي ٿپ هنيائين، ”ويري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏ!"

هن بي اختياريءَ ۾ ايڏي زور سان ٽهڪ هنئين هئي جو پرپاسي وارن اسان ڏانهن ڏٺو هو. ها ڪنهن سمجهيو ته رد عمل ۾ مان به ٽهڪ هڻندس. پر مون ڏک محسوس ڪندي به محسوس نه ڪيو ۽ چيومانس، "يار، مان ڪيئن هن سان ڳالهائي سگهندس؟"

چيائين، "صفا چريو آهين. اڄ تائين ڪنهن سان ڪونه ڳالهيو اٿئي ڇا؟"

مون چيو، "ڳالهايو اٿم، پر هن سان ڳالهائڻ جو احساس...." رڳو هٿ ئي نچايم وڌيڪ چئي نه سگهيم.

جهٽ رکي چيم، "ڇا ڳالهايانس؟"

هن چيو، "حُسن جي تعريف ڪجانس، پيار جو اظهار ڪجانس وڌيون ڊاڙون هڻجان ۽ ڊائلاگ مٿان ڊائلاگ هڻجانءِ...."

چيومانس، "چڙيار، اهو به طريقو آهي؟"

چيائين، "اڙي هلي ائين پيو."

چيم، "نه يار، مان هن سان رواجي هلڻ نٿو چاهيان. پيار ڪي اظهاريا تعريف جي ضرورت ناهي هوندي."

چڱو نيڪ آهي. پر ڊپ نه ڪر، وڃين ملينس." هن چيو.

مان وي سي آفيس ڏانهن روانو ٿيس. فدا ڪي چيم، "تون نه هل."

مون کي لڳو ٿي ته ڄڻ سڀئي مونڏانهن ڏسي رهيا آهن. منهنجو پيڇو ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ ايئن ڪجهه به نه هو. پر مان محسوس ڪري رهيو هوس.

هوءَ ۽ رضيه پنج منٽ دير آيون. مان نرسري وٽ چونڪ وٽ بيٺو هوس اُهي آيون ۽ اسين تيئي، ٿورو هيٺ، ننڍي ڀني تي ويهي رهياسين. منهنجي دل ڌڙڪي رهي هئي. رضيه چيو، "هي آهي سائرا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڏانهنس ڏٺو ۽ هن به نظرون کنيون اِها نظر اُهو اظهار ٻڌجي وئي جنهن لاءِ اسان کي چپن جو ڪڏهن به محتاج نه ٿيڻو پيو.

رضيه چيو، ”مان هلان ٿي توهان ڪچهري ڪريو.“

مون چيو، ”نه توهان ويهو.“

ڏنم ته سائرا به ساڳي التجا واري نهار متس وڌي. هوءَ به مونسان هڪدم اڪيلو ويهڻ لاءِ تيار نه هئي. رضيه مرڪي چيو، ”جلدي اچان ٿي.“ مرڪندي تڪڙ ۾ ڏسٽي ۽ وچين آڱر سان اشارا ڪندي هلي وئي.

اسين ٻئي وينا هئاسين. چُپ هئاسين. هن جون نظرون هيٺ هيون. ساڄي پير جي سينڊل جي ڪُڙيءَ سان ڌرتيءَ ۾ چڳهه ڪري رهي هئي. مون سندس پيرن تي نهار وڌي، اڇا پير ڪارين پٽين واري سينڊل ۾ وڌيڪ سوهيا وارا لڳي رهيا هئا. هورڀان هوريان منهنجون نظرون هن جي وجود جو جائزو وٺڻ لڳيون. هوءَ پريل بدن سان اڇي رنگت واري چوڪري ڳاڙهن، ساون ۽ پيلن گلن واري ڪپڙن ۾ اِهڙو گلدستو لڳي رهي هئي. جنهن ۾ هن جو چهرو اڇي گل جيان سينيءَ رنگن ڪان نروار هو.

اسين ٻئي ڪيئي گهڙيون چپ وينا رهياسين نه هن ڳالهائڻ جي همت ڪئي ۽ نه مان. چئون ته آخر ڇا؟ ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿي آيو. ڪهڙي ڪهڙي مهل هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا هئاسين ۽ پاڻ ئي اکيون چورائي رهيا هئاسين. شايد ٻنڌرهن يا ويهه منٽ گذري ويا اسان خاموش هئاسون. پر ائين نه هو، مان هن سان ڳالهائي رهيو هوس. هوءَ مونسان ڳالهائي رهي هئي. جيڪڏهن رڳو سانت هجي ها ته نيٺ بيزار ٿيون ها. پر اسانجي اها اهڙي ٻولي هئي، جنهن کي دنيا جو هر پيار ڪرڻ وارو ماڻهو سمجهي سگهندو آهي.

سوچيم هوءَ ڪونه ڳالهائيندي، نيٺ مون ئي چيو، ”توهان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهائي ڪيئن پئي هلي؟"

اِهڙو جملو جيڪو اسانجي پيار واري رشتي ڪان بلڪل الڳ هو، جنهن جي ڪا معنيٰ بہ نہ هئي. پر مون ڪان چئجي ويو. جڏهن هن جواب ڏنو تہ ان جملي کي ايڏي معنيٰ ملي وئي، جيڪا متيءَ جي مورت ۾ ساهہ اچڻ واري معنيٰ جي برابر هئي.

چيائين، "ڪتابن جا سڀ لفظ تبديل ٿي ويا آهن. انهن لفظن کي هڪ ئي لفظ ملي ويو آهي..."

مون سوچيو تہ اهو لفظ "پيار" هوندو. پر پوءِ بہ پڇيومانس، "ڪهڙو؟"

ڇهري جي اڃاڻ ۾ گلابي رنگ هارجي پيس، اکين تي پئي هٿ ڏنائين. هن جو نڪ، چپ ۽ ڪاڏي ظاهر هئا. چپ چريا، چيائين، "امتياز!"

مان حيران ٿي ويس. پڇيومانس، "امتياز ايڏو سٺو لفظ آهي ڇا؟"

مون ڏانهن ڏسي چيائين،" گهر وڃي ان جي معنيٰ تي غور ڪجو."

ان ڪان پوءِ اسين اڏ ڪلاڪ وڏيڪ ويناسين. وقت گذرڻ جي سڌ ئي نہ رهي. ڏيڊ ٿي ويو. هن کي ڏيڊ واري پوائنٽ ۾ ويٺو هو. پوئين اڌ ڪلاڪ ۾ اسين هڪ ٻئي جي خاندان بابت پڇا ڪئي. هن ٻڌايو تہ سندس پيءُ جيئرو آهي. ماءُ مري چڪي اٿس. بہ ڀائر اٿس، جيڪي ڪانئس ننڍا آهن. پيءُ بينڪ ۾ اسسٽنٽ اٿس.

اُها رات ڇا هئي؟ ڄڻ تہ دنيا جا سيئي ڪبوتر منهنجي دل ۾ هئا. ڌرتي، آڪاش، ماٺهو سيئي وٽي رهيا هئا. ان ڪان پوءِ هوءَ ٿي ڏينهن نہ ملي. مان پريشان ٿي ويس. مون ۾ همٿ اچي وئي. ڪامن روم اڳيان بيهي دروازي جي پِڪ ۾ اندرين پاسي ڪان پيل ڪرسيءَ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينل هڪ ڇوڪريءَ کي چيم، ”پليز، سائرا کي تہ سڏ ڪجو.“

هن رڙ ڪري سائرا کي سڏيو. هوءَ ڀهريون تہ ڪاوڙ ۾ ٻاهر نڪتي، پر مون تي نظر پوندي ئي هڪ عجيب مرڪ چپن تي آندائين. اهڙي مرڪ جيڪا ڪنهن فاتح جي چپن تي هوندي آهي. منهنجي چهري تي ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي احساس وارا تاثر هئا. هوءَ ٻاهر نڪري اتي ئي ڪاريڊور ۾ مونسان گڏ بيهي رهي. پر ۾ ڇوڪرا ايندا ويندا رهيا. چيومانس، ”هتان ٻاهر هلئون.“

چيائين، ”نہ .“ لهجي ۾ سختي هئس.

مان پريشان ٿي ويس، ”ڇا لئہ نہ؟“

چيائين، ”ان ڪري نہ جو ٿوري دير ڪان پوءِ منهنجو ڪلاس شروع ٿيندو.“

منهنجي چهري تي ڏک جا اولڙا هن ڏسي ورتا، چيائين، ”پوءِ ملئون ٿا.“ مون رڳو ڪنڌ ڌوڻي، ”ٺيڪ آ.“ جو اظهار ڪيو.

ٿورو وڌيڪ تہ هن هوريان منهنجو نانءُ ڪنيو، لڳم تہ ذهن ۾ گهنڊڙيون وڃي ويون. ٻيئم، چيائين، ”چڱو ڀلا ترس مان پرس کڻي اچان.“

هوءَ گرلز ڪامن روم ۾ وئي پرس کڻي ٻاهر آئي. چيائين، ”ڇئو ڪٿي ٿو هلڻ چاهين.“ سندس لهجي ۾ اعتماد ڏسي مان حيران هيس. اسين ٻئي ٻاهر آياسين. ساڳئي هنڌ اچي ويٺاسين. جتي پهرين ملاقات ڪئي هئي سون. پڇيومانس، ”هيڏا ڏينهن ڪٿي هيؤ. مان ڪيڏو تڙپيو آهيان. ان جو اندازو توهان کي ڪهڙو؟“

چيائين، ”مان بہ تہ اِها تڙپ ڏسڻ پي چاهي تہ رڳو هڪ ملاقات ڪري ڪو ڊونگ تہ ڪون رچايو هيؤ.“

مرڪي چيم، ”مان توهان سان اهڙو ناتو جوڙيو آ جيڪو منهنجي خيال ۾ اظهار جو بہ محتاج ناهي، پوءِ ڀلا ايئن ڪيئن ڪري

سگهندس."

خوشبو، مان هن سان ڪوڙ ڳالهيون ڪيون، هوريان هوريان اسان هڪ ٻئي کي مڪمل سمجهي ورتو. سيڪجهه سچ سچ ٻڌايوسين، زندگي گذارڻ لاءِ ڪيئي رٿون جوڙيون سين. خواب اٽياسين. سپنن جي ساڀيا لاءِ رستا جوڙڻ شروع ڪياسين. مان فائنل ۾ هيس. هن کي اڃان هڪ سال يونيورسٽيءَ ۾ رهڻو هو. مون گهر ڳالهه ڪئي. منهنجي مرضي مڃي وئي. سائرا جي پيءُ سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته سيڪجهه طئي ٿي ويو. هن جي پيءُ رڳو شرط اهو وڌو ته جوڪري کي نوڪري ملندي ته پوءِ شادي جي لاءِ هائوڪار ڪندس. اِهو ڪو وڏو شرط نه هو. مان فائنل ڪري، نوڪريءَ جي ڀڄ ڊڪ ۾ لڳي ويس. هن سان ملڻ لاءِ يونيورسٽيءَ ويڃو پوندو هو جو ته سندس گهر ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ڏکيو هو. بابا پنهنجي ڏيٿ ويٺ ۾ ڪجهه ڏوڪڙ ڏيئي بينڪ ۾ نوڪري ونرائي ڏني. نيشنل بينڪ ۾ اسسٽنٽ جي نوڪري في الحال چڱي هئي ۾ خيال هيم ته سال ڏيڍ کان پوءِ ڪنهن وڏي پوسٽ لاءِ جاکوڙ ڪبي. مون نوڪري ڪئي، هن به ايم اي ڪري ورتي ۾ پوءِ اسان ٻنهيءَ جي شادي ٿي وئي.

خوشبو، مان ڪيڏو خوش هيس ان جو اندازو نه تو ڪري سگهجي. بس ايئن سمجهه ته جڻ ڪو مئل جيئرو ٿي پئي."

هن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. خوشبو ڏانهنس رومال وڌايو. هن هلڪي مرڪ ۾ نڙيءَ ۾ ڦاٿل سڏڪي کي آزاد ڪندي ڳوڙها اگهيا.

"اسين ڏاڍا خوش هوندا هئاسين. هوءَ صبح جو سوير اٿندي هئي. منهنجي لاءِ ناشتو تيار ڪندي هئي. استري ٿيل ڪپڙا ٻيهر استري ڪندي هئي. چانهه تيار ڪندي هئي. ايستائين مان ستو پيو هوندو هيس. هن جو مون کي جاڳائڻ جو هڪ انداز هيو، هڪ ادا هئي، جيڪا مون کي سيءَ ۾ باهه جي سيڪ جيان وڻندي هئي. مان بستري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سمهيل هوندو هيس. هوءَ بنا ڪڙڪو ڪرڻ جي هوريان هوريان ايندي هئي. بستري تي ويهندي هئي. آهستي آهستي منهنجي نرڙ تي هٿ گهمائيندي هئي منهنجي وڪريل وارن ۾ پنهنجيون نرم آڱريون وجهندي هئي. منهنجي متي ڪي هلڪو هلڪو زور ڏيندي هئي. پنهنجا پير منهنجي پيرن متان رکي مالش واري انداز ۾ گهمائيندي هئي. جاڳ هوندي به ڪيئي پل ستو پيو هوندو هوس ۽ هوءَ اوستائين نه اٿندي هئي جيستائين مان اکيون نه کوليندو هوس. ايئن هر صبح جو پهريون ديدار هن جي مرڪندڙ چهري جو ڪندو هيم. لڳندو هوم ته هن جو چهرو اهڙو ثواب آهي، جنهن ڪري جيون جي اساٽ رستن تي مان سرور ماڻي ورتو آهي.

اسين ڏاڍا سرها هئاسين. هوءَ بابا جو، امان جو وقار جو بي انتها خيال ڪندي هئي. پر وقار، الا!"

هو سڏڪي پيو، "خوشبو، سائرا ڪي خبر هئي ته وقار مون ڪي ۽ امان ڪي انتهائي پيارو آهي. بابا رڳو چڙيل هوندو هيس، اهو به ان ڪري جو وقار هاڻي ايڏو خراب ٿي چڪو هو جو ان جو هر عمل ڪنهن عذاب ۽ خواري کان گهٽ نه هو. هن جو سائرا سان ڪجهه وقت ورتاءُ ته بهتر رهيو، پر پوءِ وقت سان گڏ هو سائرا سان زياديتون ڪرڻ لڳو. ڪيس معمولي ڳالهه تي جهيڙڻ، تنگ ڪرڻ، اها سائرا ئي هئي، جيڪا اها ذلت برداشت ڪندي رهي ۽ مون ڪي هڪ لفظ به نه ٻڌائيندي هئي. پر مان سڀ سمجهي رهيو هوس. مان جيڪو به سائرا لاءِ گفٽ وغيره آڻيان، جي وقار جي متس نظر پوي ته ڪانئس زوري ڪسي وٺندو هو. هوءَ ڪو ڪتاب يا رسالو پڙهندي هئي ته وقار هن ڪان ڪسي وٺندو هو. گهڙي ڏسي ۽ پوءِ ڦاڙي ڇڏيندو هو.

خوشبو، توکي مان ڇا ڇا ٻڌايان ته هن ڇا ڇا ڪيو؟ سائرا ڪا فلم ڏسي رهي هوندي هئي ته وقار ايندو بنا پڇڻ جي وي سي آر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وي ڪمري مان ڪٽي، پنهنجي ڪمري ۾ اچي اڪيلو فلم ڏسندو هو. فلم ڇا ڏسندو؟ بس فلم هلندي پئي ۽ پاڻ ننڊ سمهي پوندو هو. جي ڪو به لفظ ڪچو ته هو پاڻ ڪان نڪري ويندو هو. اسان کي سدائين اهو پڻ رهندو هيو ته ڪٿي هو ڪجهه ڪري نه وجهي.

هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو سائرا جو پيءُ آيو. سائرا ان لاءِ شربت ناهڻ لڳي ته وقار ڪانئس جڳ ڪسي ورتو ۽ چيائين ته هن جا دوست آيا آهن. سائرا چيس ته ترس توکي ٺهيو ناهي ٿي ڏيان. هن جو اِهو چوڻ ۽ وقار جو زور سان فرش تي جڳ اڇلڻ. هن ان تي بس نه ڪيو پر پوءِ هو سائرا کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. هن جو پيءُ آيو، وقار کي چيائين، ”حيا ڪر پاءُ جي زال اٿئي، تميز سان ڳالهائبو آهي.“

وقار تڏهن بگڙي پيو. ”تون ڪير هوندو آهين مون کي منهنجي گهر ۾ تميز سيکارڻ وارو؟ اهڙي لاڏلي اٿئي ته وٺي وڃينس.“

ڳالهه رڳو اتي ختم ٿئي ها ته معامرو ٺري وڃي ها. ڪا به ڌيءُ ڪجهه به هجي، پيءُ جي بي عزتي برداشت نه ٿي ڪري سگهي. وقار سان هوءَ به پهريون ڀيرو تکي ٿي پئي جنهن تي وقار مٿس الر ڪئي. جنهن ڪري معاملو بگڙي ويو. ابا به گهر نه هيو. امان وقار کي ڪنٽرول نه ڪري سگهي. هن جي گگ وهڻ لڳي. تمام گهڻو جذباتي ٿي ويو ۽ جيڪو ڳالهائڻ ۾ آيس ٿي ڳالهائيندو ويو. سائرا جو پيءُ به آخر عزت وارو هو. هن به ڳالهايو ايئن معاملو حد کان ٽپي ويو. سائرا پيءُ سان گڏ هلي وئي.

مان گهر آيس ته رڳو امان روئي رهي هئي. وقار گهران نڪري ويو هو. منهنجي لاءِ اها خبر بم بلاسٽنگ کان گهٽ نه هئي. مان تڪڙو تڪڙو سائرا جي گهر ويس. هن جي پيءُ دروازي کان ئي مون کي موٽائي ڇڏيو. منهنجون منٿون بيڪار ويون. گهر آيس، سائرا کي فون ڪيم، پر هن به سڌ ڪندي گهر واپس اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ پنهنجي پيءُ سان ٿيل زيادتيءَ جو ذميوار پاڻ کي سمجهي رهي هئي. ان ڪري هن لاءِ هاڻي پيءُ جو هر چيو مڃڻ لازمي هيو.

منهنجي حالت بگڙي وئي. هن کان هڪ پل الڳ هجڻ جو تصور ئي مون لاءِ ممڪن نه هو. هيءَ ته وڏو سانحو ٿيو هو. منهنجي اندر ۾ ڪيترا ٽانوَ ڀڄي پيا. منهنجي هوش تي درد ڇانئجي ويا. مون دنيا ۾ پاڻ کي فالتو سمجهندي به ٽي ڀيرا خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي. مون کي مسلسل نوَ ڏينهن بيهوشي جون سيون لڳايون ويون. جيئن منهنجي ذهن تان ڪجهه جنون جهڪو ٿئي. ها، ايئن ضرور ٿيو، پر مان رڳو ماءُ پيءُ لاءِ هڪ چرندڙ پرندڙ جسم رهيس. منهنجو روح، منهنجو قرار، منهنجي عاشقي گهائجي چڪا هئا. پيار جي ڪبوتر کي ايڏو گهايل ڏسي مان وڪري ويس، مون کي حيرت هئي ته مان جيئرو ڇو آهيان؟ پر...پر، خوشبو، ماءُ به ماٺهوءَ جي جيون ۾ هڪ اهڙي هستي آهي جنهن ڪارڻ خواهشن جي خاتمي کان پوءِ به جيئڻو پوندو آهي. هن جي پيٽ ۾ ساندڻ، جنمڻ، پالڻ ۽ پيار جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ مون کي جيئرو رهڻو پيو ۽ اها به ته آس هئي ته هوءَ متان اچي پئي.

پر ايئن نه ٿيو. ڇو ته وقار هڪ ڀيرو ٻيهر هن جي پيءُ جي ڀريل بازار ۾ بي عزتي ڪئي. هيءُ ته شڪر هيو جو ماڻهو وچ ۾ اچي ويا نه ته هن عزتدار جو مغز ڦاڙي وجهي ها. ان سانحي مون کي اندران بلڪل ختم ڪري ڇڏيو. هڪ پاسي، ماءُ جون آس ڀريل اکيون هيون. هن جا درد ۾ ڏڪندڙ چپ هئا. اُهي چپ جن مون کي مٺيون ڏنيون هيون. مَڃين جيان تڙپي رهيا هئا انهن ڪارڻ مان خاموشيءَ جو خنجر پنهنجي سيني ۾ کپائي ڇڏيو. وقار کي ڏسي اکيون بند ڪري ڇڏيندو هوس. مان ويران ٿي ويس. سائرا جي اِها سڌ پيم ته هوءَ به تڙپ ۽ بي سڪونيءَ جي حالت ۾ آهي. پر هاڻي پاڻي گهڻو مٿي چڙهي چڪو هو. ڪناري مٿان ڪنارو ڀڏي چڪو هو. هوءَ پيءُ جي عزت خاطر سندس هر مرضي مڃڻ لاءِ تيار هئي. هن جو پيءُ ان حالت ۾ ڪنهن به طرح سان تعلقات سڌارڻ جي موڊ ۾ نه هو. ڪيئن ٿئي ها؟ هڪ ڏينهن هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فون ڪري مون کي چيو تہ مهرباني ڪري سائرا کي طلاق ڏي. هو بي عزتيءَ جي احساس ۾ ديوانگيءَ واري حالت ۾ هيو. ۽ مان...."

هو روئي پيو، "۽ پوءِ خوشبو، هن وربل نوٽيس ڏنو، مان هفتو رکي فون ڪيو. ۽ سائرا بہ روئندي رڙ ڪئي، ها ها ها...."

هو اٿيو خوشبو جي اکين ۾ بہ پاڻي اچي ويو.

امتياز کي آٿت ڏيڻ لڳي تہ امتياز چيس، "اهو اٿئي منهنجي پيار جو داستان، منهنجي ماتم جو داستان."

"امتياز، حوصلو رک، تنهنجو پيار، امر تا جي حدن کان بہ الاهي اڳتي آهي. تون تہ سچو آهين. تنهنجو ڏوهہ ناهي. سائرا نہ سهي، ان جي پيار کي ڪنهن ٻي جي وجود ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪر. پيار اصل آهي. جسم تہ ان جو پاڇو هوندو آهي ۽ تون اِهو اصل اڃان بہ حاصل ڪري سگهين ٿو. مان توکي يقين...." هوءَ جذباتي ٿيڻ لڳي. اوچتو چپ ٿي وئي. ڪجهہ سوچي امتياز کان پڇيائين، "ڇا هاڻي اهو ممڪن آهي تہ هوءَ ٻيهر تو وٽ اچي."

"نہ، ڇو تہ سائرا سان ابا ۽ امان بہ ملي آيا هئا. پر هوءَ ۽ سندس پيءُ مڪمل انڪاري آهن." امتياز وراڻيو.

خوشبو جهٽ ڪنڌ هيٺ لڙڪائي ٻيهر مٿي ڪٽندي چيو، "امتياز، تون چوين پيو تہ دل جا چار خانا هوندا آهن..." امتياز، سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو، "مان اهو سائنسي طور ٻي چيو، پر دل پوءِ بہ هڪ هوندي آهي. جيڪا هڪ کي ملندي آهي."

"ها، اِهو صحيح آهي، پر اِها ايڏي وسيع ڪائنات آهي، جنهن جي ڪنڊ ۾ ڪو ٻيو بہ ويهي سگهي ٿو. ڪنهن بہ روپ ۾." خوشبو چيو.

امتياز هلڪو ڇرڪ ڀريو، "ڇا مطلب؟"

خوشبو ڳالهہ مٽائيندي چيو، "ماءُ جي روپ ۾، ڀيڻ جي روپ ۾، دوست جي روپ ۾، همدرد جي روپ ۾."

امتياز ڍگهو ساهہ کڻندي چيو، "انهيءَ ڪري تہ اڃان تائين جيئان پيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٠

رات جي وچين حصي ۾ امتياز جو پيءُ ۽ ماءُ، هوريان هوريان پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا. ”خوشبو ڏاڍي سيبتي ڇوڪري آهي.“

”سچ ٿي چئين.“ هن زال جي ڳالهه ميڄيندي چيو، ”ڏس نه هن جي ڳالهين ۾ ڪيڏو جادو آهي. مون کي ته هن جي شخصيت اهڙي دوا ٿي لڳي جيڪا نظر نه ايندڙ ڦٽن تي ڀرپور اثر ڪندي آهي.“

”مون به اهوئي پئي سوچيو. ڏس نه ڇا وقار ۽ ڇا هاڻي هن جو رويو. جيڪو هن عمر تائين اسان جي هيڏن حيلن ڪان پوءِ به سڌو نه ٿيو ۽ هاڻي ڪيئن نه صفا ساڃاهه وارو ٿي ويو آهي. هن جي اٿڻي ويهڻي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڌرتي آسمان جيڏو فرق اچي ويو آهي. مان ته چوان ٿي ڇوڪري صفا بخت آهي، بخت.“

هن پاسو ورايو. ”ڀيو ته نهيو، امتياز به ڏس هاڻ ڪيئن نه نيڪ ٿي ويو آهي. هن جي ڇپن مان ٿهڪ نڪرندا ڏسي، مان ته پاڻ کي پڪين جي وڏي ولر سان گڏ اڏامندو محسوس ڪندو آهيان. هن جي مرڪ ڇا موتي آهي لڳيم ٿو منهنجي مٿي تان پٿر جو ٻڙ لهي ويو آهي.“

”هڪڙي صلاح ڏيانءِ.“ هوءَ رازداريءَ ۾ ڳالهائڻ لڳي.

”ڇئو؟“

”منهنجي مرضي آهي ته وقار ۽ خوشبو جو رشتو ڪرائجي. ڏاڍي ڀلي جوڙي ٿي پوندي. وقار جي زندگي به سڌري پوندي ۽ اسان جي گهر ۾ به رونق موٽي ايندي. ڏس نه، مون کي لڳي ٿو ته ٻئي هڪ ٻئي کي پسند به ڪن ٿا. ڪوڙ ڪوڙ دير تائين ڪچهريون ڪن ٿا. هڪ ٻئي سان ٽهڪ ڏين ٿا. سکر گهمڻ وڃن ٿا.“

هو چوڻ لڳو، ”محسوس ته مان به ڪيان پيو. پر اهو ممڪن آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻيو نہ تہ، اسان ڪان وڏيڪ هن کي ڀلا ٻيو وري ڪھڙو چڱو گھر ملندو.“

”تہ پوءِ نيڪ آهي.“

هو ٻئي، ٻن ڄڻن جي زندگيءَ بابت ويچار ونديءَ رهيا هئا. پر تنهن ويل خوشبوءَ جي دل ۾ دماغ تي امتياز جي هستي مڪمل طور تي ڇانيل هئي. هن جي ڌڙڪندڙ دل جو هر دهڪو، هڪ نئين خيال کي جنم ڏيئي رهيو هو. سندس همدرديءَ دوستيءَ جو رشتو خيالن جي اهڙي رشتي ڏانهن وڌي رهيو هو جتي پيار لاءِ سڪ لاءِ، سمونڊ ڇوليون هڻڻ لڳندا آهن. هوءَ سوچڻ لڳي: ڇا مون کي امتياز سان پيار ٿي ويو آهي؟ جي ٿي ويو آهي تہ ڇا هي پوءِ! آئون زندگيءَ جي رج ۾ ڪو لڙڪ ناهيان جيڪو اڇايل ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي. هو بہ زندگي هٿان ٿاٻو کائي چڪو آهي. جي هن کي منهنجو سهارو ملي ويو تہ ڪيڏو نہ چڱو ٿيندو. پر ڇا هو مون کي بہ ايترو چاهيندو. جيترو ڪيس آئون چاهيان ٿي؟ ڇا اِها سوچ ايندي، ايندڙ وقت ۾ ڪٿي آئون پڇتائينديس تہ ڪونہ؟ ڇو پڇتائينديس! هو تہ منهنجو آئيڊيل آهي. آئون جنهن آئيڊيل جي ڳولائو رهي آهيان. جنهن ڀرپور شخصيت لاءِ مون ذهن ۾ خاڪو رٿيو آهي. اُهو امتياز ۾ ئي نظر اچي ٿو. ها، حالتون هن کي پاڻهي سمجهوتو ڪرڻ تي مجبور ڪنديون. هو پاڻهي ئي منهنجو ٿي ويندو بلڪل منهنجو. سڀ ڪجهہ وسري ويندس. آئون ڪيس مڪمل پيار ڏينديس. پر... آئون ايڏو اڳتي ڇو ٿي سوچان؟ اڃان تہ هڪ وک کنئي اٿم. هن سان اظهار بہ ناهيان ڪري سگهي. امان کي بہ ٻڌائي ناهيان سگهي. سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١

سائرا جي وڃڻ کان پوءِ ڪوڙ ڏينهن بعد نديڙي گهر ۾ ٻيهر مرڪون ٽڙي پيون هيون. ٿڪن جي سرهاڻ ڦهليل هئي. امتياز جا درد هلڪا ٿي ويا هئا. هو سائرا کي وساري ته ڪونه سگهيو هو. پر ان هوندي به خوشبوءَ سان ڳالهيون ڪندي ڪندي ڪن پلن ۾ وڌائس درد ڏڇي پڇي ويندا هئا. هن جي سوچ ۾ خوشبو جا رويا به هئا ته سائرا جي انڪار جا پڙاڏا به هئا. سائرا جو پيءُ ڏيءَ جي طلاق لاءِ گهرجائو هيو. امتياز تمام گهڻي سوچڻ کان پوءِ به ڪنهن نتيجي تي پهچي ڪونه سگهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن سوچ جي ڪنهن حصي ۾ هو پاڻ کي اڪيلو اڪيلو محسوس ڪندو هو ۽ سائرا کي پاڻ کان ڏور. پر هن کي اڃان به پڪ هئي ته سائرا هن وٽ ضرور ايندي. هن کي پنهنجي پيار جي سچاين تي ويساهه هو.

انهن سچاين جي هارائڻ واري ڳالهه تي يقين ڪرڻ هن لاءِ انتهائي ڏکيو هيو. پر ڪن گهڙين ۾ پاڻ کي ان رانديگر جيان ڀائيندو هو جيڪو راند ۾ حصو ورتي بنا دير سان پهچڻ ڪري هارايو ويو هجي.

وقار جڏهن خوشبوءَ جون اکيون ڏٺيون. هن لاءِ اِهي سموري ڪائنات بڻجي ويون. انهن اکين جي احساس ۾ هن کي هر شيءِ سندر لڳي رهي هئي. راتيون به روشن ٿي ويون هئس. هو ڇا هو؟ ۽ هاڻي ڇا ٿي پيو هو؟ ان حيرانيءَ ۾ سڄو گهر ٻڏل هو.

اڳ وقار جا رويا ابرندڙ پاڻيءَ جيان هئا ۽ هاڻي ٿڌي وهڪري جيان. خوشبوءَ هن جي رڳن ۾ گردش ڪري رهي هئي. هن جي دل ۾ ڌڙڪي رهي هئي. راتيون وقار جي پيراندي کان ويهي سندس پيرن کي هلڪا هلڪا زور ڏيڻ لڳيون هيون. صبح هن جي وارن ۾ آڱرين جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس ٿي وئي. ڏينهن هن لاءِ نور بڻجي ويا. خوشبو جو چهرو هن جي اکين اڳيان هو. هر شيءِ هن کي خوشبو لڳي رهي هئي. ۽ خوشبو هن سان اهڙي طرح ٽريٽ ڪري رهي هئي جيئن هن مان اجايون ارڏايون ختم ٿي وڃن. ڊائننگ ٽيبل تي ويهي ڪڏهن ڪڏهن ماني جا گرهه به وات ۾ وجهندي هئس ۽ ڪڏهن وات تي آٿي واپس ڪري پاڻ کائي ڇڏيندي هئي. پوءِ ٺهڪ ڏيندي چوندي هئس، ”چو وقار وڙهين نه ٿو؟“

وقار ٿڌي نگاهه وجهندي چيس، ”خوشبوء. تو گرهه کاڌو ته معنيٰ مان کاڌو.“ جهٽ ڏانهنس ڏسي، چيائين، ”ڪيئن، آءِ ايم رائيٽ.“ پوءِ ٻئي کلي پوندا هئا ۽ انهن ٽهڪڙن سان ياتين جي سيني اندر جهرڪيءَ جيتريون دليون ڪبوتر جيڏي اوچي اڏام ڪري ونديون هيون.

وقار چوندو هيس، ”سڪر هلئون.“

هوءَ ساٿس، ”لب مهراڻ“ تي درياهه ڪناري ڪيئي لمحا گذاريندي هئي. هو چار ڀيرا اتي آيا هئا ۽ ڀيرا امتياز به گڏ هين. هڪ ڀيري امتياز ۽ خوشبو بي خياليءَ ۾ درياهه جي بند تي گهمندي گهمندي ڳچ پنڌ اڳتي نڪري ويا. پنيان وقار کي خبر نه رهي ته ڪيڏانهن ويا ٿن لمحن ۾ جيڪا تڙپ هن ۾ پيهي وئي، تنهن هن جي وجود کي ڪنهن بزرگ جي مقبري اڳيان دروازي ۾ لڳل گهنڊ جيان لوڏي ڇڏيو ۽ هن جي ذهن ۾ آواز گونجڻ لڳو. هو انهيءَ تڙپ جو احساس وٺي رهيو هو. هن کي هوريان هوريان سڀ سمجهه ۾ اچي رهيو هو ته پيار جو سرور ۽ سور ڪيئن ٿيندا آهن؟

وقار، امتياز ۽ خوشبوءَ جون دليون گواهي ڏيئي رهيون هيون، ڌڙڪندي ڪا اڳڪٿي ڪري رهيون هيون ته هو وقت جي اهڙي حصي ڏانهن وڌي رهيا آهن، جيڪو کين پاڻ ڏانهن زوري ڇڪي رهيو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي ڪجهہ تيڻ وارو آهي؟ تنهيءَ جي ذهن ۾ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ هڪ سوال هو؟ ۽ بناانتظار جي هو ان جي جواب جي اوسيئڙي ۾ هئا. هنن جي دلين ۾ اظهارڪرڻ لاءِ لفظ ايندي بچي رهيا هئا.

وقار ڪيئي ڀيرا چاهيو تہ هو خوشبو کي چئي ڏي تہ مان توسان پيار ڪيان ٿو. تون منهنجي آهين رڳو منهنجي. خوشبو اهو احساس هوندي چرڪيل هئي تہ هوءَ امتياز سان پيار ڪري ٿي، جيڪو اڳ ۾ ئي هڪ ڀيرو گهاءُ کاڌيون ويٺو هو. پر هن کي رڳو مرهم ٿيڻ جي خواهش نہ هئي، پر هوءَ هن جي ذهن ۾ ويڃڻ لاءِ سوچي رهي هئي.

امتياز جي ذهن تي اڃان سمجهوتي ڪرڻ جو خيال هاٺي هاٺي پيدا ٿي رهيو هو. هو دردن جي بار کي ڪجهہ جهڪو محسوس ڪري رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٢

اڄ وقارکي اوچتو کو خيال آيو. هو ڪمري ۾ چڪر هڻڻ لڳو. هوريان هوريان گذريل وقت جا اهم واقعا هن جي ذهن تي اڀرڻ لڳا. هن جو گهر وارن سان رويو، ڀاڄائي سان جهيڙو، ضد ۽ ان جو هر ڀيري ساڻس رعايت ڪرڻ، ابتو سمجهائڻ، ڪنهن سان به شڪايت نه ڪرڻ. هن جون ارڏايون جاري رکڻ، ڀاڄائي کي لفظ ڪڍڻ، ان جي پيءُ سان جهيڙو ڪرڻ، ٿپون الارڻ، گاريون ڪڍڻ، سائرا جو گهر ڇڏڻ، امتياز جو بيهوش ٿيڻ، آپگهات ڪرڻ جون ڪوششون ۽ پوءِ ان جو سسڪي سسڪي ويران ۽ اداس ٿي جيئڻ.

هو چپن ۾ پڙڪيو، ”ها مان انهن سيني واقعن جو ڏوهي آهيان، منهنجي ڪري اهو سڀ ڪجهه ٿيو آهي. هاڻي مون کي ئي، ساڳي رونق واپس آڻڻي آهي. مان ڪنهن به صورت ۾ ڀاءُ کي آٽيندس. ڇاڪاڻ ته ٿي پوي.“

هو گذريل واقعن جي سمورن ڪنڊن کي پنهنجي بدن ۾ چڀندو محسوس ڪرڻ لڳو. جڏهن ڪان سندس من ۾ پيار جي پوپٽ جا رنگ محسوس ٿيا هئا، هو پنهنجي پوئين جيون کي پوائنٽو خواب سمجهي وسارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو. ڪنهن حد تائين هن پنهنجي ان جدوجهد ۾ سوڀ به ماڻي هئي. پر اڃان به ڪجهه نقش ۽ پڇتاوا هن جي ذهن کي جنجهوڙي رهيا هئا. هو ان ڳالهه جي سخت گهرج محسوس ڪري رهيو هو ته هو ڪا اهڙي تبديلي آڻي اهڙو انقلاب برپا ڪري جيئن هيرو ٿي پوي ۽ پوءِ خوشبوءِ جي سمورين چاهتن کي سهيڙي پنهنجي جهول ۾ ڀري ڇڏي. اهو به وقت هيو جڏهن دوستن ۾ ويهندو هو ته هن جي زبان تعليمي ادارن جي ٽوائلٽ ۾ لڳل دروازن جيان ٿي پوندي هئي. جن تي دنيا جهان جون هڙئي گاريون لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونديون آهن. پر هاڻي هن جو هرپل ورد بڻجي ويو. جيڪو خوشبوءَ جي نانءُ سان ڏڙڪي رهيو هو.

گذريل ٻن ٽن ڏينهن کان هو محسوس ڪري رهيو هو تہ جڏهن خوشبو کي ڏسڻ بنا چارپنج ڪلاڪ گذري وڃن ٿا تہ تڙپ وڏي ويندي آهي. بستري تي پاسا ورائيندي، محسوس ڪندو هو تہ من گرم تئي ۾ مڪئي جي ڦلي جيان تڙپي رهيو آهي. هو انهن سوچن ۾ گم هو تہ پريان خوشبو کي ويندي ڏٺائين، رڙ ڪندي چيائين، ”ماسات هيڏي تہ اچ.“

هوءَ مرڪندي وٽس آئي، ”چئو ماسات. سندس چهري تي عجيب گنڀيرتا هئي.

وقار محسوس ڪندي چيو، ”ڇا ڳالهہ آهي؟ ڪجهہ پريشان ٿي نظر اچين. وڃڻ جو پروگرام آهي ڇا؟“ وقار وسامندي پڇيو.

هوءَ ڦڪي مرڪ چپن تي آڻي، ڪاٻو هٿ وارن مٿان گهمائيندي چوڻ لڳي، ”تنهنجي مرضي آهي تہ هليا وڃون.“

وقار ٺهڪ ڏنو، ”نو ماسات، مان تہ توکي هميشہ هتي رهائڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان.“

هن ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو، ”دل تہ منهنجي بہ چوي ٿي تہ آئون....“

وقار رڙ ڪئي، ”او گريٽ، خوشبو. تو منهنجي مونجهہ حل ڪري ڇڏي، اهو چوڻ لاءِ شايد مون کي امان ابا جو سهارو وٺڻو پوي ها. پر تون...“ وقار ڪيس زور سان چنبڙڻ وارو هو تہ خوشبوءِ ٿورو پوئتي هٽي وئي، هن محسوس ڪري ورتو. ”سوري خوشبو، تو زندگي ڏيندڙ ڳالهہ ڪئي، ان ڪري مان...“

خوشبو چيس، ”امان سان ڪجهہ ڳالهائڻو اٿم پوءِ ملؤن ٿا.“ ائين چئي هوءَ ٻاهر نڪري وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقار ڪمري ۾ اڪيلو رهجي ويو. دل ۾ آيس ته هو ٽپا ڏيئي نچي. ڪيس لڳو ته پر لڳي ويا آهن، اڏامڻ لڳو. وري ڀيهر ڀاڻ جو خيال آيس. هن اٽل فيصلو ڪيو ته هو ڪنهن به حالت ۾ سائرا کي واپس آڻيندو.

هو انهن سوچن جي درياهه ۾ تري رهيو هو ته خوشبو ڀيهر واپس آئي، "وقار، امان جن واريون ڪيڏانهن ويون آهن؟"

"ٿوري جهٽ اڳ پاڙي ۾ ماسي جميلا وٽ ويون آهن." وقار چيو.

"تو ڀهريون ڪونه ٻڌايو؟" خوشبو پڇيو.

"تون هوش وڃائڻ واري ڳالهه جو ڪئي." وقار شرمائيندي چيو. اوچتو ڪانئس سوال ڪيائين، "پر تون ڪٿي هئينءَ؟"

"تنهنجي ڀاڻ جي ڪمري ۾ ويٺي هئس." وقار جي سامهون امتياز جو نانءُ آڻيندي هبڪ ٿيس ۽ پنهنجي ئي حيا ۾ جهٽ ڪوئجي وئي، "ميوزڪ به ٻڌي رهي هئس ۽ ان جو اوسيئڙو به ڪري رهي هئس. خبر ناهي اڄ ڇو ايڏي دير ڪئي اٿس. هونئن ته پنجين پوڻين پنجين تائين اچي ويندو آهي. ڇهه ٿين پيا پر اجا تائين ڪونهي آيو." خوشبو وال ڪلال ڏانهن ڏسندي چيو.

"ڇو ڀلا ادا سان ملڻ ضروري آهي ڇا؟" وقار شرارتي انداز ۾ پڇيو.

خوشبو جهٽڪي سان وقار ڏانهن نهار وڌي. ڪيس احساس ٿيو ته شايد وقار محسوس ڪري ورتو ته هوءَ امتياز کي چاهي ٿي. وقار سمجهي رهيو هو ته هوءَ شايد امتياز سان منهنجي لاءِ ڳالهائيندي.

وقار ڪرسيءَ تي ويٺو. خوشبو کي ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ هوءَ کٽ تي ويهي رهي. شام جي ڪري روشني گهٽ هئي. وقار اٿي بٽڻ آن ڪيو. ٽيوب لائيٽ به ٽي جهمڪا ڏيئي روشن ٿي وئي ۽ ڪمري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ خوشبو جو چھرو وقار جي ساموندي نيٽن ۾ لهي آيو. وقار هڪدم ڪانئس سوال ڪيو، ”پيار چاهي؟“

هن وقار تي اچاتري نظر وڌي، ڪمري جي ديوارن تي منظر جي تصويرن ڪي ڏٺائين. وقار کانئس ٻيهر سوال ڪيو. خوشبو بنا معنيٰ واري مرڪ چپن تي آڻي چيو، ”ڪمري ۾ بلڪل اونده هجي ۽ روشني اچي وڃي. اهو پيار آهي.“

وقار چپ پڪوڙي، ڪنڌ لوڏيندي هائوڪار ڪئي. ”ته پوءِ چا ادا جي زندگي هينئر اونده تي وئي آهي؟“

”ممڪن آهي ٻيهر روشني اچڻ واري هجي.“ خوشبو چوڻ لڳي. ”۽ پرهه ڦٽي چڪي هجي.“

”ڪو جيڪڏهن ڪنهن کي اها روشني آڻي ڏئي ته آٽيندڙ کي ڪھڙو سلو ملندو؟“ وقار پڇيو.

”ان جي سموري زندگي روشن رهڻي آهي.“ خوشبو سڪر بيراج هيٺان ٿڌا ساهه ڪٽي گذرندڙ سنڌوءَ جي ٿڌين لهرن جهڙي لهجي سان چيو، ”جنهن کي ڪو به اونده نٿو ڏئي سگهي.“

”سچ!“ وقار لفظ تي زور ڏيندي چيو، ”پر ائين نه ٿئي ته پوءِ...“

خوشبو ڳالهه ڪٽيندي چيس، ”مون کي پنهنجي ڳالهه تي ويساهه آهي.“

”ته پوءِ ماسات، اها روشني ادا کي ضرور ملندي، نه رڳو ان کي پر توکي ۽ مونکي به،. ڪيئن ملڻ کپي نه؟“ وقار فيصلي ڪرڻ واري انداز ۾ چيو.

”ها.“ خوشبو ڪٽڪ جي داڻي جيترو مختصر جواب ڏيندي چيو.

وقار تڪڙ ۾ ڪنهن عاشق جي آهه جيان ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. خوشبو درد ۽ آس جي گڏيل مرڪ چپن تي آڻيندي نڊيڙيون وکون کڻندي هوريان هوريان ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٣

ورانڊي ۾ رکيل ڪرسين تي امتياز ۽ وقار ڪان سواءِ سڀئي ويٺا هئا. مختلف موضوعن تي ڳالهيون ٿي رهيون هيون.

شام جو رنگ فضا ۾ ڦهليل هو.امتياز جي ماءُ ڪرسيءَ تان اٿندي پنهنجي ڀيڻ کان پڇيو، ”چانهه پيئندؤ؟“

ان ڪان پهرين جو هوءَ جواب ڏئي، خوشبو چيو، ”دل جي ڳالهه چورائي اٿؤ.“

هوءَ مرڪندي رڌڻي ڏانهن هلي وئي. امتياز جي ڀيءُ کي اوچتو ڪا ڳالهه ياد آئي. هو جهٽ لاءِ موڪلائي هليو ويو. هاڻ رڳو خوشبو ۽ سندس ماءُ رهجي ويون. خوشبو کي خيال آيو ته ماءُ کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏي. اها سوچ ايندي ئي هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وئي. هوءَ دل جي ڌڪ ڌڪ پنهنجي سموري بدن ۾ محسوس ڪرڻ لڳي. ماءُ ڏانهن ميهوڳي ڪان پوءِ جي فضا جهڙو چهرو ڪندي چوڻ لڳي، ”امان..... آئون.... توسان هڪ صلاح ڪ.... ڪرڻ چاهيان ٿي“ ڪنڌ هيٺ جهڪايائين، اکيون ٻوٽي ڪا وڏي ڊيگهه ڪئي بنا چئي ڏنائين، ”آ...آئون..... هميشه لاءِ امـ... امـ...“ سندس سمورو وات خشڪ ٿي ويو، چپن تي زبان ڦيريائين. ”امتياز سان گڏ ..... رهڻ چاهيان ٿي.“ ماڻس جي چهري تي حيرانيءَ جا هزارين اولڙا اچي ۽ گم ٿي ويا. رڳو چيائين. ”جي!“

”ها امان، آئون...“سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. ”هن سان پيـ... پيار ڪرڻ لڳي آهيان. هو منهنجي لاءِ خبر ناهي ڇا ٿي ويو آهي ۽ امان، آئون ڇاڻان ٿي ته جيتوڻيڪ اِهو فيصلو غلط ۽ صحيح جي وچ تي بيٺل آهي. پر جيڪا تڙپ، ديوانگي ۽ اوسيئڙو سالن کان محسوس ڪري رهي هئس، نه ڇاڻ ڇو امتياز کي ڏسي، هن کي پسي؛ آئون پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هن جو ۽ ان ڪي پنهنجو محسوس ڪرڻ لڳي آهيان. هينئر ان ۾ وڌيڪ شدت اچي وئي آهي. امان؛ مون ڪي ۽ توڪي هن جي سمورين حالتن جي خبر آهي. جيڪڏهن سندس زال جي اچڻ جا تورا گهٽا به امڪان هجن ها ته آئون ايئن ڪرڻ نه چاهيان ها. سوچڻ ڪي به ڏوهه سمجهان ها. پر تون چاهين ٿي ته سائرا جو واپس اچڻ ممڪن ناهي ۽ هن ڪي طلاق ڏيڻ امتياز لاءِ ايڏو وڏو ڏچڪو هوندو. جيڪو هن ڪي توڙي سگهي ٿو ۽ آئون هن ڪي سلامت ڏسڻ چاهيان ٿي. چو ته چوته....“ هوءَ جذباتي ٿي وئي، اٿي ماءُ جي پيرن وٽ ويٺي ۽ ان جي جهول ۾ مٿو ڏيئي سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. ماءُ جو من مکڻ ٿي پيو جيڪو ڏيءَ جي درد جي گرمائش ڪي محسوس ڪندي پگهرڻ لڳو. سندس وارن تي هٿ گهمائڻ لڳي. چهرو مٿي ڪري نرڙ تي چمي ڏيندي خوشبو ڪي چيائين، ”امڙ، منهنجي پياري ڏيءَ، اٺ. چري ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. اسين توکي پڙهايو آهي ۽ چاهيون ٿا ته اسان جي ڏيءَ ڪو فيصلو ڪرڻ کان اڳ گهٽو ويچار ڪندي. جيڪڏهن تنهنجي اِها خواهش آهي ته الله سٺائي ڪندو. ڳڻتي نه ڪر.“

خوشبو ماءُ جي آڻت وارن لفظن کان پوءِ به ٿي سڏڪا ڀيا ڏنا ۽ ڳوڙهن جون به لڙيون، ڳلن کان تيندڙيون ڪاڏيءَ تائين آيون، اهي سڪون، درد ۽ خوشيءَ جي ميل جون هيون. ڪاڏيءَ وٽ اچي لڙڪ هڪ ڦڙو بڻجي ويا، جيڪو هيٺ ڪري هن جي قميض ۾ لڪي ويو.

ماءُ سندس لڙڪ ڏسي چيو، ”منهنجي پياري ڏيءَ، هڪ ڳالهه چوانءِ؟“ هن جو لهجو خوشبو کي الهام جيان لڳي رهيو هو. ايڏي ٻاجهائيپ ۽ سرور ڀريو لهجو هن جي من ۾ پيهندو ويو.

”چئو امان.“

”ڏيءَ، هي جيڪي تون لڙڪ هارين ٿي نه اِهي سهارو ناهن هوندا. ممڪن آهي، اڄ آئون اِهي ڏسي تنهنجي ڳالهه مڃان ٿي ۽ سيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ئي اهي لڙڪ وهائين، پر ان وقت اهي پڇتاون جا ٻه ٽي سگهن ٿا.“ ماڻس سمجهائيندي چوڻ لڳي.

”نه منهنجي ٻاجهاري ماءُ نه، مون هي فيصلو ڪرڻ کان اڳ ڪوڙ سوچيو آهي، زندگي جي سفر ۾ اڄ ڇاتو ٿئي؟ اهو ڏسان پئي، سياڻي ڇا هوندو؟ ان جي ٻه ڪٽ ڪري ڇڏي اٿم. حالتون کهڙيون به اچن آئون انهن کي فيس ڪرڻ لاءِ پلاننگ ڪري ڇڏي آهي. ٻڌاءِ امان، جيڪڏهن مون کي منهنجي خواهش جي، منهنجي سالن کان ايندڙ خواب جي تعبير ملي وڃي ته ڇا آئون ان تعبير کي....“ خوشبوءِ جو لهجو تيز ٿيندو ويو.

سندس ماءُ ڳالهه کي اڌ ۾ ٽي ڪٽيندي چيو، ”ڌيءَ، آئون تنهنجي جذبن کي سمجهان ٿي. پر پوءِ اٿم ته سياڻي تون پڇتائين نه. پوءِ توکي اهو نه چوڻو پئي ته امتياز کي چاهڻ تنهنجي ڀُل هئي.“

خوشبو جهٽ خاموش رهي چيو، ”امان، ڇا توکي پنهنجي ڌيءَ جي فيصلي تي ويساهه ناهي؟ ڪجهه به هجي پر آئون سمجهان ٿي ته جنهن منزل جي ڳولائو رهي آهيان، جيڪو زندگيءَ جو رستو وٺي سفر ڪيو ٿم انهيءَ جي منزل امتياز آهي. جن خوابن کي مان عجيب سمجهندي هئس، جن جي پاڳ جي خبر ٿي نه هئم سي سڀ امتياز آهن، امتياز. ها منهنجي پياري جيجل! آئون سچ ٿي چوانءِ. ان کان سواءِ آئون ويران ٿي وينديس. بلڪل سرءُ جيهي، يا وري امتياز جي سائرا کان پوءِ وڃڙي وڃڻ جهڙي ڏينهن جهڙي. آئون پري وينديس.“ هن جا لڙڪ ٻيهر ڦڙي ڦڙي ٿي، سندس پيرن تي ڪرڻ لڳا.

ماءُ هڪ پيرو ٻيهر اندر ۾ گهاءُ ٿيندو محسوس ڪيو. ڪرسيءَ تان اٿي ڪيس سيني سان لڳايو. ڪيس محسوس ٿيو، خوشبو ٻيهر اُهائي نندڙي ٿي وئي آهي، جيڪا رڳئي جي جاءِ تي ٻن ربين جي گهر ڪندي هئي ته پٽس دڙڪا ڏيئي رڳيو به نه ڏيندو هو ته هوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏ ڪا پري ماءُ جي سيني سان لڳندي هئي ۽ ماءُ ڪيس رپئي جي جاءِ تي ٻہ رپيا ڏيندي هئي. هاڻي ٻہ هوءَ ٻڍي رهي هئي تہ ڪٿي خوشبوءَ جي اها خواهش پٺس جو دڙڪو نہ ٻڌجي وڃي. ڪٿي هوءَ جنهن منزل کي منزل سمجهي رهي آهي، ڪو فريب نہ هجي، دوکو نہ هجي. هن کي خوشبوءِ سان الاهي پيار هو. ٻئي ماءُ ۽ ڌيءَ هڪ ٻئي سان پيار ڪنديون هيون. عشق هُئن هڪ ٻئي سان. ڪيس سيني کان الڳ ڪري پنهنجي پوٽيءَ جي ڪنڌ سان سندس لڙڪ اگهيائين.

خوشبو ڪرسي تي ويٺي، هن جو اندر ڪجهہ هلڪو ٿي ويو. روئڻ سان ٿي تہ ڪجهہ نٿي سگهيو پر في الحال هن ڪجهہ سڪون محسوس ڪيو. امتياز جي ماءُ چانهہ کڻي آئي، ”اڙي هي امتياز جو پيءُ ڪيڏانهن ويو“؟ هن اچرج وچان پڇيو.

خوشبو چيو، ”اجهو اچڻ جو چئي ويو آهي.“ پريان امتياز ظاهر ٿيو. ”چڱو، چانهہ پيئڻ وارو گراهڪ اچي ويو.“ هلڪا ٽهڪ گلن جي ورڪا جيان وراندي ۾ پکڙجي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١۴

وقار جي ڏسٽي آگر تي چار پيرا ڪال بيل جي بٽڻ کي دٻائڻ ڪان رهجي وئي. هن جي دل جي ڌڙڪن تيز هئي. ڪيس ڏپ بہ محسوس ٿي رهيو هو تہ فيصلي ڪرڻ جي بہ حالت نہ هئس. هن گهر اڳيان اٺ ڏهہ چڪر ڏنا هئا. پر ڪيس همت نہ ٿي رهي هئي تہ هو ڪال بيل جي بٽڻ کي دٻائي. پنهنجي جسم کي بي ستو محسوس ڪري رهيو هو. سوچڻ لڳو: ڇا ڪرڻ کپي؟ ڪيئن ڪيان؟ ۽ پنهنجي ڳالهہ لاءِ پاپي جي پيءُ سان ڪٿان شروع ڪيان؟ جيڪو بہ ڪلاڪ اڳ ڳالهائڻ سوچيو هوم اُهو تہ ياد ئي ناهي رهيو. ڪٿان ڳالهہ شروع ڪيان؟ ڪيئن ڪيس پرچايان؟ گهر اچڻ بہ ڏيندا يا نہ؟ مان ڪيڏو ڪميٽو آهيان؟ ڪيڏي وڏي زيادتي ڪري چڪو آهيان. معافي ملندي بہ الائي نہ؟ جي معافي نہ ملي تہ.... ڇا پاپي سائرا ڪان سواءِ ادا امتياز... نہ نہ. ۽ جي اِهو سڀ ڪجهہ نہ ٿيو تہ خوشبو. ها خوشبو کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي سڀ ڪجهہ ڪرڻ کپي.

خوشبوءَ جي خيال وقار جي ذهن ۾ حوصلي کي هڪ نئين سگهہ عطا ڪئي. هن ڏڪندڙ آگر سان بٽڻ دٻايو. اندر بيل وڄڻ جو آواز پنهنجي ٻڌڻ واري حس ۾ محسوس ڪندي؛ هن بٽڻ ڪان آگر هٽائي ڇڏي. سندس بدن ۾ هلڪي ڏڪٽي اچي ويئي. دروازي ڪان ڪجهہ پوئتي ٿي بيٺو. هوريان سائرا جو آواز سندس ڪنن ۾ پريو.

"ڪير آهي؟"

"مان و...و....وووو... قار آهيان پاپي؟" پاٽيءَ ۾ غوطا کائيندڙ جيان هن چيو.

"تون!!" هڪدم دروازو کليو. "هاٽي ڇا گولي هٽڻ آيو آهين. مارڻ آيو آهين؟" سائرا ڪاوڙ ۾ چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقار سندس چهري کي ڏٺو جيڪو درد وچان پيلو ٿي چڪو هو. پريل بدن هاڻ لڪڻ جيان ٿي ويو هئس. اکين ۾ ڪڏا پئجي ويا هئس. هن پنهنجي هينين چپ کي پنهنجي ڏندن ۾ آڻي زور سان چڪ هنيو. اکين ۾ پاڻي پرجي آيس، ”نه پاپي!“ هن هٿ اپو ڪري سلام ڪرڻ واري انداز سان لوڏيندي چيو، ”مان توکان زندگيءَ جي خيرات وٺڻ آيو آهيان. چئن ماڻهن جي زندگيءَ جو سوال آهي.“

هوءَ دروازو بند ڪرڻ لڳي ته وقار هڪدم اڳتي وڌيو ۽ چانئٺ ۾ اچي بيٺو. ”پاپي پليز، مون کي ٿورو وقت ڏي مان ڳالهائڻ ٿو چاهيان.“ هو تڪڙ ۾ ڳالهائڻ لڳو سندس اکين ۾ لڙڪ پاري جيان چلڪي رهيا هئا، ”مان پنهنجي ڏوهن جي بخشش نه، پر سزا وٺڻ آيو آهيان. مان اڄ سوالي بڻجي آيو آهيان. ۽ پاپي يقين ڄاڻ مون انهيءَ وقار کي گهڻو ڏيئي ڇڏيو آهي، جيڪو خود غرض ۽ ڪميڻو هو. مون ان کي ڪوڙ سزا ڏني آهي ۽ هاڻي مان به انهيءَ خود غرض وقار جي وڏيڪ سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان. بس پليز پاپي، منهنجي....“

سائرا جي دل کي ڌڪڪو ضرور آيو. پر پيءُ جي بيعزتي ياد ايندي، ڪيس چوڻ لڳي، ”وقار مهرباني ڪري هتان هليو وڃ. اسان جا سڀ رشتا تنهنجي گارين ماري ڇڏيا آهن. تنهنجي روين اسان جي سيني ناتن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي.“

”پاپي مان اهي پرزا ميڙڻ چاهيان ٿو.“ وقار تڪڙ ۾ چيو.

”وقار پليز هليو وڃ.“ سائرا ڏک ۽ چڙ وچان چيو.

”پاپي ادا جي زندگيءَ جو واسطو اٿئي. هن کي انڌياري جيون ۾ روشني جي گهرج آهي نه ته هو انهيءَ اونده ۾ تڙپي تڙپي...“ هو روئي پيو.

پنيان سائرا جو پيءُ اچي ويو. وقار کي ڏسندي ئي سندس سموري جسم ۾ ڪاوڙ وچان ڏڪڻي اچي وئي، ”ڇالاءِ آيو آهين هتي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو.

وقار اوچتو سندس پيرن تي ڪري پيو، ”چاچا، مان معافي وٺڻ آيو آهيان. جيئن چوندؤ تيئن ڪندس. ڀريل بازار ۾، چونڪ تي، جتي ٻه اوهان چاهيو، مان پنهنجي ڪيتي جي سزا لوڙڻ لاءِ تيار آهيان.“ وقارکيس ٻانهون ٻڌي آڏو بيهي رهيو.

”مان چوانءِ ٿو. هليو وڃ هتان. هاڻي سڀ رستا الڳ ٿي چڪا آهن.“ ايئن چئي هو گهر اندر گهڙيو ۽ دروازو زور سان بند ڪيائين. وقار رڳو ايترو ٻڌو، ”هل ڏيءَ اندر هلئون.“ ۽ سائرا جو سڏڪو ٻه، جيڪو هن جي دل ۽ دماغ ۾ لهندو ويو. هو دروازي جي اڳيان ويهي رهيو. سندس حالت ان زخمي جيان هئي. جيڪو نه سمهي سگهي ۽ نه ئي اٿي سگهي.

سائرا جي جيءَ کي جهٽڪو آيو. هن جي من ۾ نه چاهيندي ٻه يادن جي رک ۾ ڪا چڻنگ ظاهر ٿي پئي. هوءَ وقار جي وڃڻ کان پوءِ پيءُ کي سمجهائڻ لڳي. پنهنجي زندگيءَ جي ڏيئي کي روشن ڪرڻ لاءِ پيءُ کان خيرات گهرڻ لڳي. کيس معافيءَ لاءِ ليلائيندي رهي ۽ هو پگهري ويو. ڌيءُ جي ڳالهه مڃي ورتائين.

وقار ٻه سوچي ڇڏيو ته هو ناڪام گهر واپس نه ورندو ان ڪري هو شهر آيو. هوٽل تي چانهه پي، پيهر سائرا ڏانهن گهر آيو. بيل جي آواز تي هن ڀيري سائرا جي پيءُ دروازو کوليو. وقار کيس ڏسي ٻانهون ٻڌيون، ”چاچا پليز، منهنجي ڳالهه ٻڌو. مون کي ڪجهه گهڙيون اندر اچڻ ڏيو.“

هن وقار جي اکين ۾ نهار وڌي، وقار اکيون جهڪائي ڇڏيون. کيس اندر اچڻ لاءِ چيائين. وقار هوريان هوريان وکون کڻندو اندر آيو. سائرا وراندي کان ٻاهر آڱر تي رکيل ڪرسيءَ تي ويٺي هئي کيس سرمئي رنگ جا ڪپڙا پهريل هئا. سائرا کيس ڪنهن ويراني ۾ سج لٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي پهر جهڙي لڳي رهي هئي. سائرا جي پيءُ ڪانئس پڇيو، ”ڇئو ڇا تو چاهين؟“

وقار سندس پيرن تي ڪري پيو ۽ هيٺ گوڏا کوڙي ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو، ”چاچا مان....“ هن جا چپ خشڪ ٿي ويا. هو ائين وينو هو ڄڻ ڪو ياتري ديوي يا ديوتا کان زندگيءَ جي خيرات گهرندو هجي، ”مان هر سزا سهڻ لاءِ تيار آهيان. مون هيل تائين جيڪو ڪجهه ڪيو، اهو سمجهو ته مان نه هيس. هڪ واهيات انسان هو. جيڪو هاڻي پنهنجي روين جي هٿان مارجي چڪو آهي. چاچا، مان اوندهه ۾ ڀٽڪي رهيو هوس. مون کي روشني ملي وئي آهي. مان اِها روشني هر هنڌ ڦهلائڻ چاهيان ٿو. چاچا پليز، منهنجون خطائون معاف ڪريو.

منهنجي ڪري ادا ۽ ڀاڀي زندگيءَ جي هڪ هڪ پل پل ۾ جيترا گهاوَ کاڌا آهن. مان انهن جو ملهه ته ادا نٿو ڪري سگهان. پر خواهش اٿم ته انهن تي ڦها رکان. چاچا هاڻي ويچ توهان آهيو. هنن جو ميل ٿي هنن جو علاج آهي. مان هنن جو خدمتگار ٿي گذاريندس. ويل پل موتي ته ڪونه ايندا آهن پر هر ايندڙ پل ۾ مان پنهنجون خوشيون به هنن کي ڏيندس. چاچا، پليز!“ هو سائرا ڏانهن وڌيو. جنهنجي خشڪ اکين ۾ ساڙ محسوس ٿي رهيو هو. نيٺ رهيل لڙڪ به لڙي پيس. ”ڀاڀي، پليز. ڏس ڀاڀي، مون کي پنهنجو ننڍو ڀاءُ سمجهي معاف ڪر. مون کان جيڪي خطائون ٿيون آهن. انهن کي پنهنجي ٻاجهه سان معاف ڪر. سمجهه ته تنهنجي زندگيءَ جي اجري ڏينهن ۾ ڪي ڪارا ڏينهن اچي ويا هئا. ڀاڀي، پليز!“ هن جو ڳلو خشڪ ٿي ويو. سائرا جي پيءُ هڪ وڏو شوڪارو ڀريو ۽ ڪيس ڪلهن کان وٺندي چيو، ”نيڪ آهي.“

وقار هنن کي چيو ته في الحال ڪنهن سان به اِها ڳالهه نه ٿئي. سندس پيءُ ۽ ماءُ ايندا آهي سائرا کي وٺي ويندا. جيئن امتياز کي ايڏو سرپرائيز ملي جنهن سان هو خوش ٿي وڃي. ائين طئي ڪري هو اڏامندو اڏامندو گهر آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٥

جڏهن وقار پنهنجي ماءُ سان سائرا ڏانهن وڃڻ جو پيرائتو احوال ڪيو تہ ماءُ جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. وقار جي چهري تي اڻ ڳڻيون چميون ڏنائين. سندس هانءُ ڳوهيل اٽي جيان نرم ٿي پيو. پنهنجي احساسن ۾ محبتن جو مندون ايندڙيون محسوس ڪندي ڪونج جيان اوچو اڏامڻ لڳي.

اڄ جمعي جو ڏينهن هيو. وقار پنهنجي پيءُ ماءُ کي موڪلي ڇڏيو. اها ڳالهہ گهر ۾ اوچتو ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيائون. ان جي پٽڪ نہ امتياز کي هئي نہ خوشبوءِ سندس ماءُ کي. خوشبوءَ آڳر تي ٻير جي ٿڌي چانوري هيٺان ويٺي هئي ۽ ڏرتيءَ تي پيل پتن ۾ نهاري رهي هئي، جيڪي وڪريا پيا هئا. سندس نظر پيرن ۾ پيل هڪ اهڙي پن تي هئي جيڪو ساواڻ ۽ پيلاڻ مائل هو.

هوءَ ٻيرجي انهيءَ پتي کي غور سان ڏسي رهي هئي. سوچي رهي هئي تہ اڄ امتياز کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏجي. سندس ماءُ ٻاڙي ۾ ويل هئي. امتياز ڪمري ۾ ويٺو هو. هوءَ ڏانهنس وڃڻ لاءِ اٿڻ جو سوچي رهي هئي تہ وقار گهر ۾ داخل ٿيو. سندس چپن تي اهڙي مرڪ هئي جيڪا خوشبو ڪڏهن بہ هن جي چپن تي نہ ڏٺي هئي. ڪيترين ئي معنائون ۽ ڪٿائون انهيءَ مرڪ ۾ لڪل هيون. وٽس اچي وقار چيو، "او، اڄ ٻيرجي چانو ۾...."

هوءَ اٿي بيٺي، "ها، ۽ ٻڙ جي گهاٽي چانو جي گهرجائو آهيان."

وقار وراڻدي مان ڪرسيءَ ڪٽي آيو. سامهون ويهندي چيائينس "ويهہ." خوشبوءَ لاءِ "ويهہ" چوڻ وارو انداز بہ بلڪل نئون هيو.

هوءَ حيرانيءَ سان ويهي رهي. وقار بہ ويٺو. پنهنجا ٻئي پير گڏائي ڇڏيائين. من جي ڳالهہ چوڻ لاءِ هن پنهنجي سموري بدن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توانائيون پنهنجي من ۾ داخل ڪيون. ”خوشبو،“ سندس لهجي ۾ ملائي اچي وئي، ”اڄ مان هڪ اهڙي ڳالهه چوڻ وارو آهيان. جنهن ڪي چپن تي آڻڻ جي گهرج تہ نہ هجڻ کپي. پر پوءِ بہ مان اظهارڻ چاهيان ٿو. خوشبو، خوشبوءَ مونکي.... مون کي.... مان هميشہ لاءِ توکي پاڻ سان ڳنڍڻ چاهيان ٿو. بلڪل ايئن جيئن ٻير جي هن پن جا ٻہ حصا ڳنڍ آهن. جن ۾ رڳو هڪ لڪير آهي، جيڪا ٻن جسمن جو احساس ضرور آهي. پر پاڻ هڪ پن تي سگهون ٿا.“ هن اهوئي پن ڪنيو جيڪو ٿوري دير پهريون خوشبوءَ جي گهور جو مرڪز هيو.

خوشبوءَ حيرت وچان ڏانهنس ڏسندي رهي. ڪيس ايئن لڳو هوءَ آلي واريءَ ۾ دٻجي وئي آهي. وقار ڪانئس پڇيو، ”ناراض تي وئينءَ؟“

”ووو...وقار!“ حيراني هن جي وجود ، ذهن ۽ من تي وڻ ويڙهي جيان ويڙهجي وئي، ”اهو ناممڪن آهي. مون انهيءَ انداز ۾ تولاءِ ڪڏهن بہ ناهي سوچيو. مون تہ توکي پنهنجي ڀاءُ جيان سمجهيو آهي. پر تو هي..... نہ وقار نہ.. توکي حقيقت ٻڌاياں‌ءِ تہ آئون تنهنجي ڀاءُ کي چاهيندي آهيان. امتياز مون لاءِ واٽ آهي. اهڙو رستو جنهن لاءِ پڪي وئي هئس. لڳيم ٿو تہ رستو مون کي مليو آهي ۽ منزل بہ ملي ويندي.“ هوءَ وقارکي اتي ڇڏي امتياز جي ڪمري ڏانهن هلي وئي.

هوا جي هلڪي جهوٽي سان، ٻيرجو هڪ پن وقار جي هنج ۾ ڪريو، جنهن جو اڌ حصو ڪنهن جيت ڪتري ڇڏيو هو. وقار جي اکين ۾ رڻ پٽ پيدا ٿي پيو.

خوشبوءَ کي وقار جي اظهار لوڏي ڇڏيو. هن کي خبر نہ هئي تہ هو امتياز وٽ ڇالاءِ آئي آهي. ڪيس امتياز سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪرڻو هو انهيءَ ڪري جو هن کي امتياز سان پيار ٿي ويو هو. سوچون هوريان هوريان وڪون ڪنديون هن جي ذهن کي خالي کوکي جيان بڻائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪيون هيون. هوءَ هاڻ امتياز جي ڪمري ۾ بيٺي هئي. ڇا ڇوٽو هيس. ڇو آئي هئي؟ سا سڌ ڪانئس هلي وئي. امتياز ڪيس ائين چپ ڏسي، مرڪندي چيو، ”هيلو خوشبو، خير تہ آهي، ڇا ٿيو؟ پراڻي ڳاني جهڙو چهرو بڻايو اٿئي.“

هوءَ چپ رهي، هن جي دل مان هڪ اظهار اڏمو ڏنو. هن جي چهري تي اچي وينو. چاهيائين تہ امتياز اهو اظهار ڏسي وٺندو پرامتياز جون نظرون ان وقت دروازي ڪان ٻاهر هڪ اهڙي آواز ۽ وجود ڏانهن کڄي ويون. جيڪو هن جي زندگي هيو. سائراپنهنجي پيءُ ۽ سس سهري سان امتياز جي ڪمري ۾ داخل ٿي. امتياز جي رڙ نڪري وئي. سائرا جا چپ کليا ۽ پاڻ ۾ مليا. مرڪ سندس چپن تي پکڙجي وئي ۽ امتياز جي اکين ۾ لڙڪ پکڙجي ويا.

خوشبوءَ جي حالت ان شخص جهڙي ٿي وئي جنهن جهاز مان ٽپ ڏنو هجي. پر مقرر حد تي اچي سندس پيراشوٽ نہ کليو هجي. انهيءَ حالت ۾ ٻاهر وقار بہ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن پل جو چانورو ممتاز بخاري سنڌي ساهت گهر (98)

سنڌ جي ادبي ڪيتر ۾ ڪيترا نوان نالا، اسان مثال طور ڳڻائي سگهون ٿا. جن ۾ ممتاز بخاريءَ جو نالو ته گهڻن ڪان گوءِ ڪٽي ويل آهي.

ڪهاڻيءَ نثر ۾ هو نه رڳو لکي ٿو پر پڙهي به ٿو، سڄي دنيا جي ادب ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي پيو، هيءَ ان تي اک رکندو ٿو اچي...

سنڌي ادبي سنگت ۾ هن هڪڙي سٺي منتظم ءِ جاڪوڙي جي حيثيت ۾ پنهنجو نالو ڄمايو. هن جي پيٽ پوڄا ۾ صحافت حائل ٿي وئي آهي. آن پڄ پڄان واري صحافتي دنيا ۾ اچي ادب کي هو گهربل ٽائيم نه پيو ڏئي سگهي.

سندس هن ننڍڙي ناولٽ "ڪن پل جو چانورو" پڙهڻ کانپوءِ هر ڪنهن جي من ۾ ضرور خواهش جاڳندي ته هو اڃا گهڻو لکي... اڃا گهڻو لکي... ڇو ته آن وٽ لکڻ جو سٺو ڏانءُ آهي.

ناز سنائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اوندا سوندا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)